گُڏا گُڏيون

- لکمي گلاڻي

گُڏا گُڏيُون

(اصلوڪو طويل ناٽڪ)

لکمي کلاڻي

راجستان سنڌي اڪادمي

جئپور

ارپيم

پنهنجو هي طويل ناٽڪ

اُستاد منگهارام ملڪاڻيءَ کي

سندس ۸۴ جنم سالگرهه جي موقعي تي

- لکمي کلاڻي

۲۴ ڊسمبر ۱۹۷۹

GUDDA - GUDDIYOON

(Original Full - Length Play)

By :

LAKHMI KHILANI

Published by :

Rajasthan Sindhi Akademi,
J-7 Subhash Marg, JAIPUR-302001

Price :

Rs. Ten Only

Ist Edition : 1984

Printed by :

Shri Girdharilal Gur
Shekha Mohalla,
Diggi Bazar, Ajmer-305001

ليکڪ کي، 30 اپريل 1983ع تي ٿيل اڪادميءَ جي جلسي ۾ مرڪزي ڇوڏس ڦهلاو وزير شري ايڇ. ڪي. ايل. ڀڳت پڳر پائي، ٽرافي ڏيئي سنمان ڪيو ۽ راجستان جي مک منتري شري شوچرڻ ماٿر جي مبارڪ هٿن سان ڪيس انعام ڏيارو ويو.

عام پاٺڪن تائين اهو اصلوڪو ناٽڪ پهچي، ان ڳالهه کي ڌيان ۾ رکي، اڪادميءَ طرفان هيءُ ناٽڪ شايع ڪري رهيا آهيون. سنڌي رنگ منچ سان واسطو رکندڙ رنگ - ڪرمين کي اسان جي التجا آهي ته هو هن اصلوڪي ناٽڪ کي رنگ منچ تي آڻڻ جي ڪوشش ڪن. ان لاءِ اڪادميءَ جي اجازت وٺڻ جي ضرورت ڪونه آهي. صرف اڪادميءَ ۽ ليکڪ کي اطلاع ڏيڻ لازمي آهي.

مان سنڌي ناٽڪ نويسن جو تهدل شڪرگذار آهيان، جن هن چٽاڀيٽيءَ لاءِ گهڻو اُتساهه ڏيکاريو. اميد آهي ته سنڌي اديب اڳتي به اڪادميءَ جي سرگرمين ۾ دلچسپي وٺندا رهندا.

- **اندر سين ايسراڻي**
چيئرمين،
راجستان سنڌي اڪادمي،
جئپور - 302001

ٻه اکر □□

سنڌي ٻوليءَ، ساهت ۽ ڪلا جي واڌاري لاءِ راجستان سرڪار راجستان سنڌي اڪادميءَ نالي هڪ ادارو ٻرپا ڪيو آهي. اڪادمي گذريل چئن - پنجن سالن کان ان مقصد جي حاصلات لاءِ ڪافي ڪم ڪري رهي آهي.

موجوده دؤر ۾ جيتوڻيڪ ٽه - فصلا (Full_Length) سنڌي ناٽڪ ڪافي گهڻي انداز ۾ اسٽيج ٿي رهيا آهن. پر گهڻو ڪري اهي سڀ ٻين ٻولين تان ترجمو ٿيل آهن. هن وقت اصلوڪن ٽه - فصلن سنڌي ناٽڪن جي بلڪل اڻاٺ آهي. اَن اڻاٺ کي محسوس ڪندي، راجستان سنڌي اڪادميءَ اهو فيصلو ڪيو ته اصلوڪن ٽه - فصلن سنڌي ناٽڪن جي دستخطن کي همٿائڻ لاءِ اکل ڀارت سطح تي هڪ چٽاڀيٽي ڪرائي وڃي.

اسانکي خوشي آهي ته اڪادميءَ جو سڏ اونائي سنڌيءَ جي لڳ ڀڳ سڀني برک، ناٽڪ نويسن هن چٽاڀيٽيءَ ۾ حصو ورتو ۽ جهجهي انداز ۾ داخلائون پهتيون. ماهرن جي راءِ موجب اُنهن مان ڪلڪتي جي نوجوان اديب شري لکمي ڪلاڻيءَ جو ناٽڪ "گڏا - گڏيون" پهريون نمبر آيو. ان ناٽڪ جي

انڪ پهريون

ڏيک پهريون

(ڊرائنگ روم - منجهند جو وقت - تيز پڇمي سنگيت - روشني جو ٻرڻ وسامڻ - ڊالي ۽ راڪيءَ جو ڪمر لوڏائي نچڻ ۽ تاڙيون وڄائڻ اسٽيريو تي هلندڙ هڪ هندي فلمي گيت "آئو پيار ڪريں" ٻن منٽن بعد ٺاڪرداس جو اندرين ڪمري مان در وٽ بيهي، ڪن ڪنن لاءِ ڪين عجب مان ڏسندو ڏسڻ ۽ آخر بيزار ٿي رڙ ڪرڻ)

ٺاڪرداس- بند ڪريو هي شور غل، هي گهر آهي يا هوٽل؟

(راڪي ڊوڙي اسٽيريو کي بند ڪري ٿو)

ڊالي- (ٻئي هٿ چيلهه تي رکي) ڊئڊي! توهان اسانجي انسلٽ ڪري رهيا آهيو!

راڪي- (ساڳي نموني هٿ چيلهه تي رکي) يس! يو آر انسلٽنگ اَس.

ٺاڪرداس- (تعجب ۾) انسلٽ؟

ڊالي- ها انسلٽ، اسانجي ناچ گاني کي روڪڻ جو توهان کي ڪهڙو حق آهي؟

ناٽڪ جا ڪردار □□

ڊالي - ٺاڪرداس جي ڌيءَ - عمر ٢١ سال لڳ ڀڳ

راڪي - ڊاليءَ جو دوست - عمر ٢٢ سال ”

ٺاڪرداس - گهر جو وڏو - عمر ٥٢ سال ”

ڪانتا - ٺاڪرداس جي زال - عمر ۴٨ سال ”

رميش - ٺاڪرداس جو پٽ - عمر ٣٠ سال ”

چندرا - رميش جي زال - عمر ٢٦ سال ”

پنڪي - ٺاڪرداس جي ننڍي ڌيءَ - عمر ٨ سال ”

موهن - چندرا جو اڳوڻو پريمي - عمر ٣٠ سال ”

ٽين ڪوڙي - ڪار ڊرائيور - (اهو رول راڪيءَ جو ڪردار نڀائيندڙ به ڪري سگهندو)

راڪي- ييس! وي آر نائو انڊپينڊنٽس!

ناڪرداس- انڊپينڊنٽس! ارڙهان سال عمر ٿيڻ سان ئي
توهان انڊپينڊنٽس ٿي ويا؟ توهان کي پنهنجي
پلي ٻري جي ٻيت پڇي ويئي ها ها ها....
انڊپينڊنٽس؟

ڊالي- ڊئڊي، پليز!

ناڪرداس- (اچا کلندي اندر ويندي) ويچي ڏوڙ
پايو. انڊپينڊنٽس؟ جڏهن ڪڏ ۾ ڪرندءِ،
تڏهن اسانجا گفتا ياد ايندوَ.

(راڪي چيڙائڻ جي نوع ۾ جيب ڪڍي ٿو. ناڪرداس
پٺتي مڙي)

ناڪرداس- هي ڇوڪرو ڪير آهي؟ سنڌي آهي؟
مون هن کي اڳ ڏٺو آهي؟

ڊالي- هي از ماءِ بواءِ فرينڊ. راڪي سپي!

راڪي- (آڱريون لوڏي) هاءِ ڊئڊي!

ناڪرداس- بواءِ فرينڊ؟ راڪي سپي. (درشڪن طرف
مڙي) مون کي ته ڪو ٻڪر ٿو لڳي! هي
هت اسانجي گهر ۾ ڇا ڪري رهيو آهي؟

ڊالي- ڊئڊي! توهان جا خيال پراڻا آهن. انهن
کي وائيٽ آنٽس کائي ويون آهن.

ناڪرداس- وائيٽ آنٽس؟

راڪي- ڊيمڪ! ڊيمڪ!!

راڪي- يس! واٽ رائيٽ ھتو يُو؟
ناڪرداس- مون بيمار ماڻھوءَ جي آرام ۾ رخنو وجھڻ
جو توھان کي ڪھڙو حق آھي؟...
نڪرو! ٻاھر نڪرو! اِھي ٻالڪ ۽ وارا ٽپا ڏيڻا اُٺ
ته ٻاھر وڪٽوريا جو سڄو ميدان پيو آھي. گھر اندر
ھيءَ ڌما چوڪڙي نه ھلندي.
ڊالي- ھلندي! ھلندي! ضرور ھلندي. اسان
کي جتي وڻندو ٽپندا سين، ڳائيندا سين،
شور مچائيندا سين. اسين ھينئر آزاد آھيون.
راڪي- يس! وي آر فري برڊس!
ناڪرداس- (ڪاڙِي وڃائي) خوب! بھت خوب!!
توھان کي آزادي ملي وئي آھي ته سڄي
پاڙي جي ننڊ ڦٽايو. آزاديءَ کي توھان
ڇڙواڳي سمجھو آھي؟
ڊالي- ڊئڊي پليز! اسان کي توھانجي اِنھن
اپديشن جي ضرورت ناھي!
ناڪرداس- پنھنجي سھوليت لاءِ ٻين کي تڪليف
ڏيڻ حد درجي جي ڪميڻائپ آھي، ڇ
سمجھيئه؟
ڊالي- ڪجھه به نه! اسين پنھنجو ڀلو برو ھينئر
پاڻ سمجھندا سين. توھان کي سمجھائڻ جي
ضرورت ناھي.

ٺاڪرداس- ڏٺا اُستوُ! شپ ڪاري، ۾ ڏيڍ ٻوٽ ٻه نه
گهرجي. وڃين ٿو ٻاهريون در بند ڪندي
وڃجانءِ!

(ٺاڪرداس اندر ويندي وري ٻيهي ٿو رهي)

ٺاڪرداس- ءِ ٻڌ! هن ٻڪري کي به جلد هتان ٻاهر ڪڍ!
سڄي گهر ۾ بدبوُ ڦهلجي وئي آهي.

(ٺاڪرداس نڪ کي هٿ رکي اندر ٿو هليو وڃي)

ڊالي- (مڪ اولاري) ڊُوُ آر هاريبل! آءِ هيٽ
يوُ! هيٽ يو!!

چند سيڪنڊن جي خاموشي

راڪي- (ڊاليءَ جي ويجهو اچي) ڊالي ڊارلنگ
تمهارا باپ ڪيا بولا؟

ڊالي- (ٺنولي ڪندي) بولا تمهارا بواءِ فرينڊ
بهت اچا هئه. لاکون ۾ ايڪ هئه.
تم اسسي جلد شادي بنا ڊالو!

راڪي- کيون همارا ليگ پُلنگ ڪرتا هئه يار!
تم سوچتا هئه، هم سنڌي نهين سمجهتا
هئه. هم سب سمجهتا هئه. تمهارا خچر باپ
هم ڪو بڪرا بولا. اور بولا ڪ هم اسٽنڪ
ڪرتا هئه. اسٽنڪ!

ڊالي- (نڪ تي هٿ رکي) اب همڪو بي لگتا
هئه ڪ تم سچ مچ هي اسٽنڪ ڪرتا هئه....

ناڪرداس- تنهنجو مطلب آهي ته، منهنجا خيال ايترا جهونا آهن جو انهن کي اُڏوهي لڳي ويئي آهي؟

ٻالي- ها! انهن کي اُڏوهي لڳي ويئي آهي. توهان وقت کان گهڻو پٺتي رهجي ويا آهيو ٻئٽي!

راڪي- يس! يو آر آئوٽ ڊيٽيڊ!

ناڪرداس- چپ! تون وچ ۾ اِها کهڙي ماءُ جي انگريزي ٿو ٺڪين؟ تنهنجو پيءُ ڪو انگريز هو ڇا؟

راڪي- (معصوميت سان) آءِ ڊونٽ نو؟

ناڪرداس- ته وڃ ماءُ کان پڇي اچ!

ٻالي- ٻئٽي توهان راڪيءَ جي بيعزتي ڪري رهيا آهيو؟

راڪي- يس! يو آر آلسو اِيوُ زنگ ماءِ مدر.

ٻالي- انٽيڪالنگ ماءِ ڊيئر راڪي ٻرتي نيس.... مان هن گهر ۾ نه رهنديس... نه، رهنديس ... نه رهنديس!!

ناڪرداس- ٺيڪ آهي، نه وڃي هن انگريز جي پٽ سان رهه! راڪي سڀي!

سپاهيملاٽي هليا ويا، ٺنهنجا پيچ ڇڏي ويا.

ٻالي- مان هينئر ئي تي گهر ڇڏي وڃان!

ڊالي - (روئڻهارڪي سُر ۾) ھمڪو يہ گھر سي
نڪل جاني ڪو بولا. ھم ايڪ فوٽ پاٿ
پر رھيگا. ريل ڪي خالي ڊبي ۾ رھيگا.
ھاوڙا پل ڪي اوپر رھيگا. ليڪن جس گھر
۾ ھمارا اِنسلٽ ھئا. اُس ۾ اب ايڪ منٽ
بي نھين رھيگا.
راڪي - يہ بات ھئہ. تو ڦر چلو. ھم لوگ بمبئي چليگا
فلم لائين! ووھي ھم جيسي يہ گھر لوگون
ڪا گھر ھئہ! بي سھارون ڪا سھارا ھئہ.
سال ڀر ۾ ديکنا. تم ھيما مالني - مين ڌرميندر
تم ريکا - مين جتيندر!
(راڪي ھٿ ڪان ڊاليءَ کي ٻاھر ڇڪيندو وٺي ٿو
وڃي. ڪانتا ٺيڪ اُن وقت پلاسٽڪ جي ٿيليءَ ۾
بازار مان سَودا وٺي اندر گھڙي ٿي)
ڪانتا - (اچرج مان) اڙي! تون ھيءَ ٻچڪ ڪٺي
ڪيڏانھن ٿي وڃين؟
(ڊالي ٻچڪ ڇڏي وڃي ماءُ سان چنبڙي ٿي)
ڊالي - (سڏڪو ڀري) ممي!
ڪانتا - (ڊاليءَ جي مٿي تي ھٿ ڦيري) ٿيو ڇا
ٻچي؟ تون روئين ڇو ٿي؟ توکي ڪنھن
ڇيو آکيو، ٻڌاءِ تہ....
ڊالي - ڏاڏي ڇيو لکري وڃ ھن گھر مان. ٿنھنجي

راکي- اوه نو! تم بهي اُس بڍي باپ کي چکر
م آگيا. بليو مي ڈارلنگ. هم جمع جمع
کو ريگيولرلي باٿ ليتا هئہ. سنڈي
سنڈي کو ٽوٿ پيسٽ کرتا هئہ مهينا م
ايک دفعا جوراب ضرور ڌوتا هئہ (راکي
کيسي مان جوراب کڍي ڈاليءَ جي نک
تي رکيٿو. ڈالي نک چهو کري جوراب
وٺي باهر اُڇليٿي)

راکي- (ڏند ڪرٽيندي) ليکن تمهارا باپ همکو
بکرا بولا. هم اُس پر ايک سؤ ڈالر کا
ڈفيميشن کا کيس کريگا. فرينڈ
انٿوني کو اپنا وکيل بنائيگا. همارا
عزت اِتنا سستا نهين هئہ!

ڈالي- بکواس بند!

(ڈالي ان وچ م هک خالي ٽنگ کٽي تي اڇي
۽ اُن م الماڙيءَ مان کجهه کپڙا کڍي پري ٿي.
۽ ميز تـي رکيل ٽائيم پيس ۽ ٻيون سنهيون شيون
پريندي ٿي هلي.
راکي هکو بکو ٿي کيس ڏسي ٿو)

راکي- يه تم کو کيا هو گيا هئہ. يار اتنا جلد
ناراض هو گيا. تمهارا سالا باپ همکو
بولا. تم کو تو کجهه نهين بولا؟

راڪي - (پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندي) اڙي ماءُ ڙي ٻاپ! مر گيا! بچائو!!

ڊالي - (ڪانتا کي روڪيندي) ممي!

ڪانتا - (راڪيءَ کي) نڪر هتان! نه ته اجهو ٿي پوليس جي حوالي ڪيانءِ.

(راڪي مار کائي، مڪون اَلاريندو. ٻانهون ڪڍندي ٿو. ٻاهر جيان پنهنجا ڏند ڏيکاري اُچل ڪُود ڪري ٿو ۽ آخر ڊاليءَ جي ٽنگ کٽي ٻاهر نڪري ويندو. ڪانتا ٿيلهي اولاد جي انداز ۾ ۽ ڊالي ڪيس ٻانهن کان ڇڪي روڪڻ جي انداز ۾ اُٿي سرد ٿي وڃن ٿا. سنگيت وڃي ٿو. اسٽوب لائيٽ ٻري وسامي ٿي. جڻ راڪي اڳيان ڊوڙندو ٿو وڃي. ماءُ ڌيءُ هن جو پيڇو ڪنديون نظر اچن ٿيون. ڪن ڪنن بعد سنگيت جو بند ٿيڻ. روشنيءَ جو واپس موٽي اچڻ)

ڪانتا - (سهڪندي) پيچ پاڻي ٿي ويو ڪميڻو! هل ڌيءُ اندر هل....

(ڪانتا ڌيءُ کي بيڊ روم جي دروازي کان اندر وٺي وڃي ٿي. چند سيڪنڊن لاءِ اسٽيج خالي.... سانت.... ٺاڪرداس اندران هندوستان سنڌي اخبار پڙهندي ڊرائنگ روم ۾ گهڙي ٿو)

ٺاڪرداس - (اخبار پڙهندي) راج نارائڻ جي ٻڪ هڙتال چرڻ سنگهه جي ٻڪ هڙتال... جگجيونرام

هن گهر ۾ ڪا ضرورت ڪانهي. (سڏڪو ڀري ٿي)

ڪانتا - توکي ائين چيائين؟ هن جي ايڏي مجال! پاڻ کي سمجهي ڇا ٿو؟

دالي - ۽ چيائين وڃڻ مهل ٻاهريون در بند ڪندي وڃجانءِ (رومال سان نڪ سڻڪي سڏڪو ڀريندي)

راڪي - اڙي ممي! همڪو ڀي بڪرا بولا!

ڪانتا - (راڪي کي) چپ!

(داليءَ جي مٿي تي هٿ گهمائيندي) نه ڌيئڙي جيستائين مان جيئري آهيان ڏسان ڪنهن کي طاقت آهي توکي هتان ٻاهر ڪڍڻ جي. هل اندر هل. هيءَ ڇا تنهنجي گهر کان پڃڻ جي عمر آهي؟ تو نه، ڇيو هو مان پڙهي لکي ڊاڪٽرياڻي ٿينديس. مدر ٽيريسا جيان غريبن اپاهجن جي سيوا ڪنديس.

راڪي - نهين ممي! دالي هيما مالني بنيگا اور مين ڌرميندر. يهه راڪا بنيگا اور مين جتيندر!

ڪانتا - (غصي ۾) جتيندر جا سڪا! لچ لفنگا! (پلاسٽڪ جي ٿالهي راڪيءَ جي مٿي تي ٽيندي) تو ئي منهنجي ڌيءُ کي ڪاريو آهي.

ڪانتا- (اکڙو ٽڪڙو ٻاجهون وٺندي) مونکي
اهو سڀ سمجهڻ جي ضرورت ناهي.
هاڻي تون ڪجهه سمجهه ڌار! گهر ۾ جوان
جماڻ ڌيءَ ويٺي آهي. هن هن سان اڄايو
ريل چيل پنندي ٿي ولي. ڪو سٺو گهر
ڳولهي، نياڻيءَ کي اڪلاءِ ته وڃي پنهنجي
گهر سکي ٿئي....
اڄ مان وقت لي نه پهچان ها ته ڇوڪري هن مهل
ٽائين بمبئيءَ جي گاڏيءَ ۾ ويٺي هجي ها.
ٺاڪرداس- (اخبار مان منهن ڪڍي) ڪنهنجي ٿـي
ڳالهه ڪرين؟
ڪانتا- تنهنجي لاڏلي ڌيءَ ٻاليءَ جي. جنهن
کي تو متي لي چاڙهي ڇڏيو آهي.
ٺاڪرداس- ٻالي؟ ٻالي ڪيڏانهن ٿئي ويئي؟
ڪانتا- (زور سان) بمبئيءَ! بمبئيءَ!!
ٺاڪرداس- پوءِ وڃڻ ڏينس ها نه، روڪيئي ڇو؟
بمبئيءَ وڃي، فلمن ۾ ڀرتي ٿي ساڌنا ٻبيتا
بڻجي پيءُ ماءُ جو نالو ته روشن ڪري ها.
ڪانتا- توکي هر ڳالهه ۾ چرچو سجهندو آهي.
ڇوڪري گهر ڇڏي ڀڄي وڃي ها ته سماج
۾ اسانجو نڪ ڪپجي وڃي ها؟
ٺاڪرداس- نڪ! ها ها ها.. مون سمجهيو هو تــه

جي بک هڙتال.... بک هڙتال ... بک هڙتال....
ها ها ها ها.... ڪانتا! ڪانتا!!

ڪانتا ٿالهيءَ ۾ پاڇيون ڪٽي اچي پرواري ٽيبل
تي ويهي - ڇريءَ سان انهن کي ڇلڻ ٿي لڳي)

ناڪرداس- (ڪانتا کي) ٿو ٻڌو؟ اسانجا سڀ نيتائون
بک هڙتال ڪري رهيا آهن. مرڻ گهڙي
تائين بک هڙتال.... اخبار ۾ لکيل آهي ته
راڄ ناراض ٿي ڪي ڏني آهي ته... جيسين
تائين ملڪ مان انگريزيءَ کي لڏي نه ڪڍبو
ويندو تيستائين نه هو اَن جل ورتائيندو
۽ نه ٿي ڏاڙهي وار لهرائيندو.

ڪانتا- (ڪي ڪي مورڙو ڏيئي) مٽي جو مٿو خراب
ٿيو آهي.

ناڪرداس- (ڪلنڌي) ها ها ها.... ۽ ٻڌ ٻيا نيتائون به
بک هڙتال ڪري رهيا آهن. مورار جي
ديسائي شراب بندي لاءِ، چرڻ سنگهه
ڪسانن جي ڀلائيءَ لاءِ، جڳجيوان رام هريجنن
جي رکيا لاءِ، ٻهوگڻا شاهي امام سان گڏ
مسلمانن جي حفاظت لاءِ، ڇا ٿي سمجهين.
اسانجي نيتائن کي پنهنجي پنهنجي طبقي
جو ڪيترو نه خيال آهي. صرف اَن ۽ جل
نه ورتائيندا. ڪجهه سمجهئين؟

ٻار پالي سگهن. ڪين ڪنهن اڳيان هٿ
ٽنگڻو نه پوي. ليڪن هينئر محسوس ڪريان
ٿو. ته پنهنجي مالڪ پاشا کان وانجهيل اڄ
جي اِها انگريزي تعليم ڪين لکپتي
ڪروڙپتي ته ٻڻائي سگهندي، ليڪن ڪين
بهتر انسان نٿي ٻڻائي سگهي.

ڪانتا - اها سمجهه هينئر پيريءَ ۾ آئي اٿيئي
جڏهن ٻار هٿن مان نڪري چڪا آهن.

ناڪرداس - نه نه! ائين نه چئه!

ڪانتا - ڌيءَ افعال ڏنئه، هاڻ پٽ جا ڪرتوت
ڏسجانءِ.

ناڪرداس - ڇو رميش ڇا ڪيو آهي؟

ڪانتا - جوءِ جو مڄو مريد ٿي ويٺو آهي. جوٽس
چويس اُٿ نه اُٿ، ويهه نه ويهه! مونکي
ته هينئر ٻرون ٿا پون ته هيءَ پرائي جائي
گهر مان به گهر ڪري ٿي دم پٽيندي.

(ڪانتا ٻاچين جي ٿالهي کڻي رنڌڻي طرف وڃڻ
لڳي ٿي)

ناڪرداس - نه نه! چندرا اهڙي ويل ڇوڪري ڪانهي
جيڪا اسانجي خلاف مڙس جا ڪن
ڀريندي هوندي.

ڪانتا - (رنڌڻي جي در وٽ بيهي) نه نه! الله

ڀڳوان اسان سنڌين کي ٻنان نڪ جي ٺهي
پيدا ڪيو آهي.

ڪانتا ـ (نڪ تي هٿ رکي) ٻنان نڪ جي؟ اهو
ڇئين ڇا ٿو؟

ٺاڪرداس ـ (صوفا ڇڏي درشڪ طرف ويندي ڏُنهين
لهجي ۾) ها ٻنان نڪ جي. اسان سنڌين کي
نڪ هجي ها ته، اسانجا ٻار هن نموني
ڌاريءَ ٻولي ڳالهائيندي چرين جيان رسل
ڇيل نه گهمندا وتن ها.

ڪانتا ـ (اُٿي هن جي ڀرسان اچي ويهي ٿي) اُن ۾
ڏوهه ته منهنجو آهي. ٻارن کي سنڌي اسڪول
بجاءِ ڪانوينٽ اسڪول ۾ موڪليم. ته ڏهن
ڇهن ٿي ته ٻار انگريزي سکي سمارٽ
ٿيندا. ڇتا پيٽيءَ ۾ ويهي سگهندا. انجنير
ڊاڪٽر بڻجي خوب پئسو ڪمائيندا. ڏوڙ
پيئي اهڙي پئسي کي. جيڪا وديا ٻارن
کي لڇڻ نٿي سيکاري اها وديا ناهي
اوديا آهي.

ٺاڪرداس ـ (ڪانتا کي ڪنڌن کان جهلي) شايد تون
ٺيڪ چئي رهي آهين. مون ٻارن کي
انگريزي ذريعي اونچي تعليم ڏيڻ چاهي،
جئن هو پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن،

ڏينهن ھن سان ٿي تہ انگريزيءَ ۾ گٽ
مٽ ڪرڻ ۾ مزو ايندو اٿئي نہ؟ اسان
کي اهڙا چل ول ڪرڻ اچن ٿي ڪونہ!
(ڪانتا اندر هلي ٿي وڃي. ناڪرداس هٿ ۾
ڪنيل اخبار کي غصي ۾ چنب هڻندي)

ناڪرداس- ٺان ٺان ٺان.... هي عورتون ناهن ڏيڏر
آهن ڏيڏر. سڄو ڏينهن پنهنجي سندن زبان
هلي. پرائي پچار ڪرڻ کان سواءِ ڀڳوان
کين ٻي ڪا ڪرت ڏني ئي ڪانهي!
(ناڪرداس کيسي مان بيڙين جو هڪ بنڊل ڪڍي
هڪ بيڙي دکائي ٿو. ٻہ ٽي ڪش لڳائي صوفا تي
اچي ويهي ٿو رهي. سامهون تڪيندو ڪجهہ
سوچيندو ٿو رهي. ڪن ڪدن بعد ٻاهران پنڪي اندر
اچي ٿي. کيس اسڪول جي پوشاڪ پهريل آهي.
ڪلهي تان ڪتابن جو ٿيلهو لٽڪي رهيو اٿس. هوءَ
ڊوڙي اچي پنهنجي پيءُ جي گلي ۾ ٻانهون وجهي ٿي)

پنڪي- هاءِ، پاپا!

ناڪرداس- (کيس چمي ڀاڪر ۾ ڀري) تون اسڪول
مان اچي وئينءَ پٽ!

پنڪي- پپا آپ بيڙي ڪيون پيتي هئن؟ ميري
سهيليون کي پپا تو چروٽ پيتي هئن.

ناڪرداس- پهريائين اهو ٻڌاءِ تہ تون اڄ دير سان ڇو

رکيس. مان ٿي هڪ ويل آهيان جو ڏينهن
رات تنهنجي ٻوڙهي ننهن خلاف تنهنجا
ڪن ڀري رهي آهيان.

ٺاڪرداس- مون ائين ڇيو؟

ڪانتا- ڇوڪري ڪي ٻيا ڪي سڳ، ٿيندا آهن؟ تون هميشه تنهن جو پاسو ڪٽيندو آهين. نوڪري ڪري اُٺ سؤ ڪمائي ڇا ٿي اچي، وڏي ڪيپ ڪٽي ٿي اچي. ڇٽيس اِها ٻگهار وچي پنهنجي نالي بئنڪ ۾ جمع ڪري. اسين ان ڪان سواء ٻڪ ڪونه مري ويندا سين.

ٺاڪرداس- ڪانتا!

ڪانتا- هن منڊم پنهنجي ناز نخري سان توهان ٻنهي پيءُ پٽ کي چريو ڪري ڇڏيو آهي. روز اِهي سرها تيل قاپل لڳائي، ڇا ٿو سمجهه صاحب نهي سڀيري ٿي نڪري! ٻاڻ کي وڏي حور پري ٿي سمجهي.

(ڪانتا مڙي اندر وڃڻ ٿي لڳي)

ٺاڪرداس- ڪانتا! هڪ ڳالهه ٻڌ!

ڪانتا- (در وٽ بيهي) ٺاهي مونکي تنهنجي ڪا ڳالهه ٻڌڻي. پنهنجي انهيءَ من موهڻي کي ٿي اهي مٺڙيون ڳالهيون ٻڌاء. سچو

ڏينهن ھن سان ٿي نہ انگريزيءَ ۾ گٽ
مٽ ڪرڻ ۾ مزو ايندو اٿيئي نہ؟ اسان
کي اهڙا ڇل ول ڪرڻ اچن ٿي ڪونہ!
(ڪانتا اندر هلي ٿي وڃي. ناڪرداس هٿ ۾
ڪنيل اخبار کي غصي ۾ چنبڙيندي)
ناڪرداس- ٺان ٺان ٺان.... هي عورتون ناهن ڏيڏر
آهن ڏيڏر. سڄو ڏينهن پيئي سندن زبان
هلي. پرائي پچار ڪرڻ کان سواءِ ڀڳوان
ڪين ٻي ڪا ڪرت ڏني ٿي ڪانهي!
(ناڪرداس ڪيسي مان بيڙين جو هڪ بنڊل ڪڍي
هڪ بيڙي دکائي ٿو. ٻہ ٽي ڪش لڳائي صوفا تي
اچي ويهي ٿو رهي. سامهون لٽڪيندو ڪجھہ
سوچيندو ٿو رهي. ڪن گھڙين بعد ٻاهران پنڪي اندر
اچيئي. ڪيس اسڪول جي پوشاڪ پهريل آهي.
ڪلهي تان ڪتابن جو ٿيلهو لٽڪي رهيو اٿس. هوءَ
ڊوڙي اچي پنهنجي پيءُ جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي ٿي)
پنڪي- هاءِ، پاپا!
ناڪرداس- (ڪيس چڪي پاڪر ۾ ڀري) تون اسڪول
مان اچي وئينءَ پٽ!
پنڪي- پپا آپ بيڙي ڪيون پيتي هئن؟ ميري
سهيلون ڪي پپا تو چروٽ پيتي هئن.
ناڪرداس- پهريائين اهو ٻڌاءِ تہ تون اڄ دير سان ڇو

رکيس ۔ مان ٿي هڪ ويل آهيان جو ڏينهن
رات تنهنجي ٻوڙي ننهن خلاف تنهنجا
ڪن ڀري رهي آهيان ۔
ٺاڪرداس- مون ائين چيو؟
ڪانتا - چوڻ کي ٻيا ڪي سڳ، ٿيندا آهن؟ تون
هميشه لنهن جو پاسو کڻندو آهين ۔
نوڪري ڪري اُٽ سوَ ڪمائي ٿا ٿي اچي،
وڏي کيپ کٽي ٿي اچي ۔ چئينس اِها
پگهار وچي پنهنجي نالي بئنڪ ۾ جمع
ڪري ۔ اسين ان کان سواء پڪ ڪو نہ
مري ويندا سين ۔
ٺاڪرداس- ڪانتا !
ڪانتا - هن منهنجي پنهنجي ناز نخري سان توهان
ٻنهي پيءُ پٽ کي چريو ڪري ڇڏيو آهي ۔
روز اِهي سرها تيل قابل لڳائي، ٿا ذ ۔مم
صاحب نهي سنهري ٿي نڪري! ٻار کي
وڏي حرر ٻري ٿي سمجهي ۔
(ڪانتا مڙي اندر وڃڻ ٿي لڳي)
ٺاڪرداس- ڪانتا! هڪ ڳالهہ ٻڌ!
ڪانتا - (در وٽ بيهي) ٺاهي مونکي تنهنجي
ڪا ڳالهہ ٻڌڻي ۔ پنهنجي انهيءَ من موهڻي
کي ٿي اهي منڙيون ڳالهيون ٻڌاء ۔ سچو

ناڪرداس- ڀريانين ڇئي ڏيکار ڏيڏر - ڏيڏر.

ٻڪي - ڊيڊر - ڊيڊر

ناڪرداس- ٻڪري - ٻڪري

ٻڪي - بڪري - بڪري

ناڪرداس- ڳيرو - ڳيرو

ٻڪي - گيرو - گيرو

ناڪرداس- پلا ڄڄ - ڄڄ - ڄڄ

ٻڪي - جج - جج - جج

ناڪرداس- (مٿي لئي ڏڪ هڻي) هندوستان جي آدمشماري ۾ مان هڪ ٻيو سنڌي ٻه گهٽيو.

ڪانتا - (اندران اچي) توهان هٿ ٻيئي آهين. هل ڪپڙا بدل. صبوح کان ڪجهه کاڌو به نه هوندءِ. بک نه لڳي ائيئي؟

(ڪانتا ٻڪيءَ کي هٿ کان ڇڪي اندر ٿي وٺي وڃي. ٻڪي وري هٿ ڇڏائي پيءُ وٽ موٽي ٿي اچي)

ٻڪي - ايڪ بات تو بولنا. ڀُول گئي پاپا. اسڪول کي مس ني بولا هئه ڪ انڊيونل ڊي کو اسڪول کا ايڪ سوونير ڇپيگا ٻپا کو بولنا اپني فرم کا ايڪ ائڊورٽائيزمينٽ ديگي. (ٿيلهي مان فارم ڪڍندي) ڪم سي ڪم پانچ سؤ روپئي کا!

آئي آهين؟

پنڪي - ڪيا ڪرون پپا. بس ڪي لائين ۾ کڙي
کڙي پاؤ درد ڪرني لگا. بس آتي هي
نهين ٿي. آتي هي نهين ٿي. اسڪول
ڪي ميري اور اسپ فرينڊس ڪار ۾
آتي هئن. آپ ڪار ڪيون نهين خريد
ليتي پپا؟

ٺاڪرداس- ڇري ڇوڪري! خبر اٿيئي اڄ ڪالهه
پيٽرول جو اگهه ڪيترو وڌي ويو آهي.
جن وٽ ڪارون آهن، اهي به وڪڻڻ
لاءِ سوچي رهيا آهن. وڃ هينئر اندر وڃ.
وڃي ڪپڙا بدل.

پنڪي - پپا مئن ڪنسرٽ ۾ پارٽ لونگي.

ٺاڪرداس- اها ڪنسرٽ وري ڪهڙي بلا آهي؟

پنڪي - هماري اسڪول ڪي اينيوئل ڊي ۾ ناچ
گاني ڪا پروگرام هوگا. ٽيچر ني ميرا ڀي
نام لکا هئه. مجهي راجسٿاني ڊريس بنوا
دوگي نه پپا؟

ٺاڪرداس- چڱو چڱو پوءِ ڏسنداسين!

پنڪي - پوءِ ڏسنداسين نه، ابهي پرامس ڪريئي.

ٺاڪرداس- چڱو پرامس ليڪن هڪ شرط ٿي.

پنڪي - ڦر ڪؤن سي شرط؟

چندرا - مان توهان لاءِ ڪٽي ٿي اچان!
(چندرا پنهنجو پرس ۽ پڪيٽ اُٿيئي ڇڏي اندر هلي ٿي وڃي)

رميش - ٻڌي توهان هفتو ٿيو، پل مهينو آرام ڪريو. ليڪن مان ٻڌائي ٿو اُچڏ پائو. توهان جو هي لنگڙو ڪاروبار مون کان! نه هلندو. پئسن لاءِ لهڻيدار منهنجي جان کائي ويا آهن.

ناڪرداس- ڇو جمشيد پور کان ٽيهن هزارن جو ڊرافٽ اڃا ڪونه آيو؟

رميش - اڄڪالهه جا واپاري اهڙا سدا سڌورا آهن جو پاڻمرادو ڊرافٽ موڪلي ڏيندا. توهان کي اِهي پئسا وصول ڪرڻ لاءِ خود ٽاٽانگر وڃڻو پوندو. بنان پئسي جي ائين ڪاڏو ڪيترا ڏينهن هلندو. هي ته شڪر آهي جو چندرا کي نوڪري ملي ويئي، نه ته گهر جو خرچ هلائڻ به اسان لاءِ مشڪل هو.

ناڪرداس- (رميش جي ڪلهي تي هٿ رکي) هن دنيا ۾ اِهي إلاها چاڙها بئي آهن پٽ! سڀ ٻه پاڇا آهي. ڪالهه جيڪي عرش تي هئا، اڄ فرش تي آهن. مرد اُهو جيڪو

ٺاڪرداس- پنج سؤ نه هزار جي!

پنڪي- ڪيا بولا؟

ٺاڪرداس- ڏسنداسين، تون هاڻي اندر وڃ!

پنڪي- ڏسنداسين نه، دينا هي هوگا!

(ڪانتا پنڪيءَ کي ڇڪي اندر وٺي ٿي وڃي)

ٺاڪرداس- (فارم ڏانهن نهاريندي) انگريزي اسڪول
نه ٿيو جت ٿي. اڄ ڪتابن لاءِ پئسا کپن.
اڄ اسڪول جي ٽئين يونيفارم ٺهرائڻ لاءِ
پئسا کپن. اڄ اسڪول جي ٽراءِي لاءِ
پئسا کپن. پئسا پئسا پئسا. اسڪول آهن يا
واپاري اڏا؟

(رميش ۽ چندرا اندر گهڙن ٿا. رميش کي هٿ
۾ بريف ڪيس آهي. چندرا کي هڪ هٿ ۾ پرس
۽ ٻئي هٿ ۾ هڪ پئڪيٽ)

ٺاڪرداس- اچي ويو؟ ... اڄ ايتري دير ڪري ڇڏيو؟

رميش- چندرا کي به، اڄ پوءِ سندس آفيس مان
وٺندو آيس!

چندرا- توهان جي طبيعت ڪيئن آهي ڏاڏي!

ٺاڪرداس- مان ته پاڻ کي گهڻو بهتر ٿو سمجهان، پ
ڊاڪٽر چوي ٿو، اڃا هفتو ڪسن آرام ڪر

چندرا- توهان اڄ دوا ورتي آهي ڏاڏي؟

ٺاڪرداس- ڇڱو جو ياد ڏياريئه....

ٺاڪرداس- هي ڇا هي ڏيءُ؟

چندرا- شال آهي ٻڌي!

ٺاڪرداس- اهو ته مان به ٿو ڏسان.

چندرا- توهان لاءِ وٺي آيس. اڄ مون کي پهرين پگهار ملي آهي. (چندرا پگهار جو لفافو ٺاڪرداس کي ڏيندي.)

ٺاڪرداس- (لفافو وٺندي) ۽ هن پگهار مان تون منهنجي لاءِ شال ڳنهي آئي آهين؟

چندرا- توهان به ته اسان لاءِ سوکڙيون وٺي ايندا آهيو ٻڌي. هيئنر اسانجو وارو آهي.

ٺاڪرداس- (نهن کي ڳراٽڙي پائيندي) چري ڌيءُ! مونکي شال جي ضرورت ئي ڪانه هئي. تو اجايو ايترو خرچ ڪيو؟

چندرا- ها هئي؟ توهان صبوح جو ٿڌ ۾ پيا ڏڪندا آهيو.

ٺاڪرداس- (لفافو کيس واپس ڏيندي) وٺ! هيءَ پنهنجي پگهار پنهنجي سس کي وڃي ڏي. هن لاءِ به ڪجهه وٺي آئي آهين؟

چندرا- (ڏيکاريندي) امينءَ لاءِ ساڙهي ۽ پنڪيءَ لاءِ فراڪ، ڊاليءَ لاءِ بوٽ....

ٺاڪرداس- ۽ پنهنجي لاءِ؟ ڪجهه به نه! (ڪن ڪڍن

اهڙي حالتن کي مڙس ٿي منهن ڏني.
ٻاڻ مان وشواس نه وڃائي ويهي. انسان
جا ڏينهن به بدلبا، ضرور بدلبا. جتي
محنت، سچائي، اوڙچائي آهي، اتي
ڪاميابي به اوس ملڻي آهي. ضرورت
صرف ڌيرج، صبر ۽ سهن شڪتي جي
آهي.

رميش - اڄ جي زماني ۾ ڪاميابيءَ جو راز صبر ۽
سهن شڪتي ناهي، پئسو آهي بابا! پئسو
پئسي کي ٿو ڪمائي. ڪامياب بزنيس لاءِ
پئسو هئڻ سڀ کان وڌيڪ ضروري آهي.
اهو ڪٿان به اچڻ گهرجي. جوئا ڪري،
چوري ڪري، ٺڳي ڪري، ملاوت يا
بليڪ مارڪيٽ ڪري. (رميش اندر
ويندڙ در ڏانهن ويندي بيهي ٿو رهي ۽
چوي ٿو) پئسي ڪانسواءِ اڄ هن دنيا ۾ هڪ
قدم به اڳتي چرڻ ناممڪن آهي. اتي
به پئسو، وهان به پئسو!

(رميش بريف ڪيس سان اندر هليو ٿو وڃي.
چندرا سائيڊ بورڊ تي گلاس رکي. پنهنجي آندل
پيڪيٽ مان هڪ گرم شال ڪڍي پٺيان ٿي پنهنجي
سهري کي پهرائي ڪيس اچرج ۾ وجهي ٿي ڇڏي)

(صرف هڪ فوڪس لائيٽ هيٺئر فون تي
ڳالهائيندڙ چندرا جي چهري تي آهي، باقي سيٽ
تي اونده آهي)

چندرا- ڪير؟ موهن؟ موهن ڪيسواٽي؟....

پنيان دريءَ تي لڳل اڇي چادريءَ تي موهن جو
فون تي ڳالهائيندڙ چهرو پرگهٽ ٿئيٿو)

موهن- ها ها مان موهن ئي ڳالهائي رهيو آهيان....
تو مون کي نه سڃاتو؟ اڄ ئي بمبئيءَ کان
آيو آهيان هڪ دفعو توسان گڏجڻ ٿو
چاهيان. پليز! صرف هڪ دفعو.... توسان
گڏجڻ بعد مان واپس هليو ويندس.... نه نه
.... مونتي وشواس ڪر!

(موهن جو چهرو گم ٿو ٿئي وڃي. سيٽ تي
روشني موٽي ٿي اچي)

ناڪرداس- ڪنهنجو فون هو ڌيءَ؟

چندرا- (هٻڪندي) منهنجي ماسات موهن جو!

ناڪرداس- منهنجو ماسات؟

چندرا- (پاڻ سنڀاليندي) ها، هو اڄ ئي بمبئيءَ
کان هت لٿو آهي. هوٽل ۾ لٿو آهي.

ناڪرداس- پنهنجي گهر هوندي هوٽل ۾؟ تو کيس
هت اچڻ لاءِ چيو نه چيو؟

(چندرا اٿئي در شڪن طرف وڌي ٿي اچي

بعد) ٻڌاءِ، تنهنجي آفيس جو باس توسان
ٺيڪ نموني پيش ايندو آهي نہ؟

چندرا- مسٽر ورما بيحد ڀلو ماڻهو آهي ٻڌبي!
هو مونکي بيحد ڀائيندو آهي.

ٺاڪرداس- سندن اهو بيحد ڀائڻ ئي ڪڏهن ڪڏهن
ڪافي مهانگو پئجي ويندو آهي ڌيءَ.

چندرا- توهان کي مونکي وشواس ڪونهي ٻابي

ٺاڪرداس- توتي وشواس آهي تڏهن تہ توکي نوڪري
ڪرڻ جي اجازت ڏنم. ليڪن انهن آفيس
جي باسن لئي اصل نہ. اهي ڀلا شريف نظر
ايندڙ ٻڪريءَ جي کل هيٺان لڪل بگهڙ
هوندا آهن ڌيءَ. انهن کان خبردار رهج!

(فون جي گهنٽي وڄيٿي. ٺاڪرداس شال کي
چڱيءَ طرح ڪلهن جي چوگرد اوڙهي فون کڻيٿو)

ٺاڪرداس- هيلو! يس 44-6167....

هوم ڊي-و والت پليز.... مسز چندرا بالاڻي؟
جسٽ أ منٽ.

ڌيءَ تنهنجو فون.... (ٺاڪرداس فون جو چوڳو
چندرا کي ڏئيٿو. چندرا ڏڪندڙ هٿن سان اهو وٺيٿي)

چندرا- يس! مسز چندرا بالاڻي اسپيڪنگ....
ڪير ٿو ڳالهائي؟

انڪ پهريون

ڏيک پهريون

(ڊرائينگ روم ۾ ساڳيو ڪمرو. سامهون ٽپائيءَ
ي چانهه جي ڪٽلي ڪپ پليٽون رکيل. موهن ڪپ
خالي ڪري پليٽ تي رکيٿو. ولائتي سگريٽ پاڪيٽ
مان سگريٽ ڪڍي جلائيٿو. چندرا خالي ڪپ پليٽون
ٽري ۾ رکيٿي. موهن اُتي ديوار تي لڳل تصوير
ڏانهن نهاري ٿو.)

چندرا- توکي هت نه اچڻ گهربو هو، موهن!

موهن- (گهمي ڪري) ڇو؟

چندرا- مان اڄ اها چندرا ناهيان. شاديءَ بعد اها چندرا مري وئي.

موهن- (ڪي ڪن سوچيندي) تون مون لاءِ اڄ به اهائي چندرا آهين. هميشه اهائي چندرا رهندينءَ. مان توکي ڪڏهن به وساري نٿو سگهان.

چندرا- (در وٽ بيهي) نه موهن! مان هينئر پرائي امانت آهيان. منهنجو خيال لاهي ڇڏ. تون به شادي ڪري پنهنجو گهر

روشنيءَ جي! اِسپاٽ هينئر سندس چهري تي آهي)

چندرا- (ٻ لل سر ۾) هوُ هينئر هيڏانهن ئي اچي رهيو آهي ٻنڌي!

(سنگيت ٿو وڃي ۽ آهستي روشني جهڪي ٿي وسامي ٿي وڃي. اونده)

رھي نہ سگھنديس. ٻڌي منھنجي شادي
ڪنھن ٻئي ھنڌ ڪئي تہ مان زھر کائي
آپگھات ڪنديس! ڇا اھو سڀ تنھنجو
ڍونگ ھو؟ ڏيکاءُ ھو؟ تون تہ سڄي
عمر منھنجي واپس ورڻ جو انتظار ڪرڻ
واري ھئينءَ نہ؟
(ھتاش ٿي) ڪنھن سياڻي سچ چيو آھي.
عورت! بي وفائي تنھنجو ٻيو نالو آھي.

چندرا - (پشيماني سر ۾) موکي معاف ڪر.
موھن! اُن وقت مان اڃا ٻار ھيس. پاوڪتا
جي وھڪري ۾ الاجي ڇا ڇا ٻڪي ويئي
ھيس. مان پنھنجو ڏوھہ قبوليان ٿي.

موھن - نہ چندرا! ڏوھہ منھنجو ئي ھو يا اڃا بہ
چوان تہ منھنجيءَ غريبيءَ جو ھو تنھنجي
پيءُ مون کي تنھنجو ھٿ ڏيڻ کان انڪار
ڪيو. مان تنھنجي لائق ٿيڻ لاءِ جوش ۾
اچي گھر ڇڏي ڌاريءَ ھليو ويس. پر پٺ
تنھنجي پيءُ تنھنجي شادي ھڪ شاھوڪار
گھر ۾ ڪري ڇڏي. سندس ڌيءَ ھٿ
راڄ ڪندي. ھندورن ۾ لڏندي!

چندرا - ھرڪو ماءُ پيءُ پنھنجي ٻارن ڪي سکي
ڏسڻ چاھيندو آھي.

وساء! هت ڪنهنکي خبر پئجي ويئي ته
ڦهر ٿي ويندو. تون هتان هليو وڃ
منهنجو گهر برباد نه ڪر. مان توکي هٿ
ٿي جوڙيان.

(چندرا ٽري ڪٽي اندر هلي ٿي وڃي.)

موهن- (پنهنجي منهن) چندرا! مان توکي ڪيئن
سمجهايان ته مان پاڻ سان وڙهي وڙهي
هارائي چڪو آهيان. چاهيندي به توکي
پاڻ کان جدا ڪري نٿو سگهان. پيار ڪنهن
کي ڪيترا ڏنڀ ڏيئي ٿو سگهي، اِها
شايد توکي جاڻ ڪانهي.

چندرا- (اندر اچي) تون واپس بمبئي ڪڏهن
وڃي رهيو آهين؟

موهن- پهريائين مون کي منهنجي سوال جو جواب
ڏي. تون مون کي اڄ به پيار ڪرين ٿي
يا نه؟

چندرا- (هٻڪي) نه! رميش مونکي پسند
پائيندو آهي.

موهن- تنهنجي معنيٰ ته مون سان ڪيل تنهنجا
پيار جا انجام وعدا سڀ ڪوڙا هئا؟ ياد
اٿيئي ڪڏهن تو اِن پنهنجي ساڳي زبان
سان چيو هو موهن! مان تو کانسواء زندگي

جي چائنٺ نه ٽپان ها.

چندرا- مون اڳ ۾ ئي توکي چيو ته، مان اڄ اها چندرا ناهيان! اها چندرا مري وئي. شاديءَ بعد عورت ٻيون جنم ٿي وٺي. منهنجو هيئنر توسان هن نموني ڳالهائڻ به پاپ آهي.

موهن- ليڪن ڪڏهن هڪ منٽ لاءِ مون بابت به نه سوچين ها، چندرا! خبر اٿئي مون توکي پائڻ لاءِ ڪيتري نه محنت ڪئي، ڏينهن کي ڏينهن، رات کي رات نه سمجهيم، پيسو ڪمائڻ لاءِ هر ڪو جائز ناجائز طريقو اختيار ڪيم. تڏهن به جاڳ ۾ به هميشه تنهنجو سڀاجهڙو، معصوم ڪامڪ، چهرو مون کي پاڻ طرف سڏيندو رهيو. اڄ اهوئي چهرو مون لاءِ پرائو ٿي چڪو آهي. اُن سان هيئنر ڳالهائڻ به پاپ آهي. ڪنهن اها لڇمڻ ريکا ليکي آهي جنهن کي اورانگهي نٿو سگهجي؟ نه، مان اِن شاديءَ جي هٿرادو ٻندن کي نٿو مڃان، نٿو مڃان ......

چندرا- (پنهنجو منهن هٿن ۾ لڪائي، سڏڪا ڀريندي) مون کي معاف ڪر! مون کي

موهن- ڇا تنهنجي پيءُ کي خبر آهي ته سندس سيٺ
جو ڌنڌو چوپٽ ٿي ويو آهي. سندس
مئٽرڪ پاس نانيءَ کي ڪير ڏيندو سو جي
نوڪري ۾ رکڻ لاءِ راضي ناهي. سندس
لاڏلي ڌيءَ کي ٿي اڄ گهر جو گاڏو گهلڻ
لاءِ ٽيليفون آپريٽر جي نوڪري ٿي
ڪرڻي پوي. سچ! مون کي تنهنجي هن
حالت تي قياس ٿو اچي چندرا!

چندرا- (غصي ۾) پنهنجي گهر جي ذميواري
گهر جا ڀاتي نه کڻندا ته ڇا ڪو ٻيو ڌاريو
اچي کڻندو؟ مان هينئر هن گهر جي ڀاتي
آهيان. توکي اسانجي نجي معاملي ۾ دخل
ڏيڻ جو ڪو حق ڪونهي.

موهن- (نرميءَ سان) مون کي غلط نه سمجهه! هڪ
ڏينهن تو ٿي اهو حق پنهنجي راضي
خوشي ڏنو هو. تنهنجا ڇيل لفظ اڄ به
منهنجي ڪنن ۾ وڄن ٿا. موهن ڊيئر!
منهنجي هڪ هڪ ساهه تي تنهنجو حق
آهي. دنيا جي ڪابه طاقت اسانکي جدا
نٿي ڪري سگهي. تنهنجو ڏنل اهو
اقرار ئي مون کي هت ڇڪي وٺي آيو
هو. نه نه مان ڀاتي ٻلاٽي به تنهنجي در

پيو ته هلي ڪيئن؟

موهن - توهان سان ڪمپني ڏيڻ ۾ مون کي خوشي محسوس ٿيندي.

رميش - چندرا جو خيال آهي؟

(چندرا چانهه آڻڻ لاءِ اندر هلي ٿي وڃي)

رميش - توهان چندرا جا سڳا ماسات آهيو؟ شادي مهل نه توهان بمبئيءَ ۾ نظر نه آيا؟

(موهن سگريٽ پڪيٽ مان سگريٽ ڪڍي پنهنجي وات ۾ رکيو. اچانڪ ياد اچڻ تي هو سگريٽ رميش کي آڇيٿو.)

رميش - نه مان سگريٽ ڇڪيان ئي ڪو نه!

(موهن لائيٽر سان سگريٽ جلائي، منهن مان دونهون ڪڍيٿو.)

موهن - توهانجي شاديءَ وقت مان جاپان ويل هوس. منهنجو امپورٽ ايڪسپورٽ جو ڌنڌو آهي. ڪڏهن هانگ ڪانگ، ته ڪڏهن سينگاپور، ته ڪڏهن ٽوڪيو پيو اچ وڃ ڪندو آهيان.

رميش - هت ڪلڪتي ۾ ته؟

موهن - ها بزنيس جي سلسلي ۾ ئي آيو هوس. نيپال ۽ بنگلاديش مان ڪافي آرڊر اچي رهيا آهن. سوچيان ٿو ته هت ڪلڪتي

هن طرح تنهنجي جدا ٿين سان ڪيڏو نه
گهرو ٿيو هو.

موهن - (چندرا جي ڪلهي تي هٿ رکي) تنهنجو ڪو ڏوهه ڪونهي، چندرا! اڄ مان ٻه محسوس ڪرڻ لڳو آهيان ته انسان چاهيندي به پنهنجي نٿو هلائي سگهي، پس پيش ڪيس حالتن جي اڳيان جهڪڻو ٿو پوي. پوءِ چاهي اهي حالتون خود سندس ئي خلقيل ڇو نه هجن.

(رميش اشنان ڪري، ڳچيءَ تي ٽاول لڳائي، اچي ڪڙتي پاجامي ۾ اندر داخل ٿئيٿو.)

چندرا - (جهٽ اکيون اگهي، پاڻ سنڀالي، آواز کي سهج ڪندي موهن کي مخاطب ٿي چوي ٿي) - توهان پنهنجو سامان هوٽل ۾ ڇو رکي آئين؟ هي پنهنجو گهر نه هو؟

موهن - سڀاڻي صبوح جو سوير واري فلائيٽ ۾ ٻمبئي موٽي وڃڻو آٿم. وري ڪنهن ٻئي دفعي!

رميش - (موهن سان هٿ ملائيندي) معاف ڪجو مون کي اشنان ڪرڻ ۾ دير ٿي وئي. توهان چانهه پي ورتي، هڪ ڪپ

موهن - اوهان جي تعريف؟
رميش - منهنجي ڀيڻ ڊالي!
موهن - پليز ٽو ميٽ يو!
(ڊالي شرمائجي مرڪي ٿي ڏئي)
ڊالي - (موهن کان) ڪنڊ گهٽي؟
موهن - هونءَ ته ٻه ڇمڇا. اڄ هڪ مان نئي ڪم
ٽپي ويندو.
(ڊالي موهن جي ڳالهه ٻڌي شرمائجي ٿي
وڃي. هو رميش ۽ موهن کي چانهه جا
ڪپ ڏيئي ٿي ۽ پاڻ لاءِ به ڪپ ٺاهيئي.)
رميش چانهه جو ڪپ کڻي ساڄي طرف
رکيل ڪپ بورڊ پرسان ويهي چانهه
پيئندي چوي ٿو.
رميش - اسانجو مشينري سيلس جو ڌنڌو آهي.
ليڪن هيڏانهن ٻن ٽن سالن کان ڪم ٺيڪ
طرح سان ڪونه هلي رهيو آهي. ڊنڊيءَ
جي ڪم ڪرڻ جو طريقو اهو ئي پراڻو
آئوٽ ڊيٽيڊ آهي. اڄ هر هڪ ڌنڌي ۾
ٻاهريون شو مئن شپ ٿي گهرجي. آفيس
ايئر ڪنڊيشنڊ هجي، ٽيليفون آپريٽر ۽
رسيپشنسٽ سهڻيون ڇوڪريون هجن. ٻاهران
ايندڙ گراهڪن کي ڪنهن هوٽل بار ۾

۾ ٻه پنهنجي آفيس کوليان. مئنيجر جي تلاش ۾ آهيان، جيڪو منهنجو هٿ ڪم سنڀالي. اڄ ڪاله ايماندار محنتي ماڻهو ملن ڪٿي ٿا؟ ڪو سُٺو شريف ماڻهو اوهانجي نظر ۾ هجي ته ٻڌائجو. مان ڪيس ڀائيواري ڏيڻ لاءِ به تيار آهيان.

رميش- توهانجي هن ڌنڌي ۾ ڪافي علم ۽ عقل جي ضرورت هوندي؟

موهن- ها ها، علم ۽ عقل کان وڌيڪ اڄ جي بزنيس من کي "مئنيج" ڪرڻ جو ڏاو اچڻ گهرجي. جيڪو شخص اڄ ڪسٽمس، ايڪسائيز، پوليس کان ويندي، منسٽرن گورنرن کي مئنيج ڪري سگهي اهو ئي ڪامياب ٿي سگهيٿو. اهڙي شخص لاءِ سال ۾ ٻه چار ڪروڙ ٺاهڻ ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي.

(ڊالي چانهه جي ٽري کڻي اندر اچي ٿي)

رميش- ڇو چندرا ڪيڏانهن ويئي؟

ڊالي- (ٽري ٽپائي تي رکندي) پاپيءَ کي مٿي ۾ سور آهي.

رميش- چڱو تون ئي چانهه ٺاهي وٺ.

(ڊالي چانهه ٺاهڻ شروع ٿي ڪري)

دالي - توهان جو ڇا خيال آهي، ڇوڪرين کي نوڪري ڪرڻ گهرجي؟

موهن - واه نات؟ ڇوڪرين کي به اڄ ڪلهه جي زماني ۾ پنهنجي پيرن تي بيهڻ گهرجي.

رميش - دالي! تون نوڪريءَ جو خيال لاهي ڇڏ. بابا، توکي ڪڏهن به اجازت نه ڏيندو.

دالي - واه! ڀاڀي نوڪري ڪري سگهي ٿي، مان ڇو نه ٿي ڪري سگهان؟

موهن - ڇو نه هوءَ شادي شده آهي ۽ تون اڃا ڪنواري آهين. توکي ڪير آفيس مان ئي ڀڄائي وٺي وڃي سگهندو. ها ها ها. چڱو مان هينئر هلان. توهان سڀني سان گڏجي اڄ مان پاڻ کي بيحد هلڪو محسوس ڪري رهيو آهيان. سچ! مزو اچي ويو.

(موهن اٿي بيهي ٿو.)

رميش - (موهن جي ويجهو اچي) تو چيو پئي ته توکي پنهنجي امپورٽ ايڪسپورٽ جي ڌندي لاءِ هڪ مئنيجر جي ضرورت آهي.

موهن - ڪلڪتي ۾ آفيس کولڻي آهي ته پوءِ مئنيجر جو ته ضرورت آهي ئي.

رميش - منهنجي مرضي آهي ته مان جيڪر توسان Join ڪريان.

اينٽرنين کي. اهڙيون خسيس خسيس ڳالهيون به ڊانڊيءَ جي دماغ ۾ اٿيون وهن. مان هينئر هن ڌانڌي مان ٽنگ اچي ڇڪو آهيان، ڪا نئين لائين پڪڙڻ ٿو چاهيان.

موهن - (چانهه جو ڍڪ پري، ڏاليءَ کي) واهه! چانهه نه ستي ناهي اٿيئي، مزو اچي ويو. تون به ڪٿي نوڪري ڪندي آهين؟

رميش - نه، اڃا هن سال نه بي. اي جو امتحان ڏنو اٿائين.

ڏالي - مونکي ڪٿي نوڪري ملي سگهندي؟

موهن - واهه ناهه؟ تو جهڙين خوبصورت سمارٽ ڇوڪرين لاءِ نوڪريءَ جي کهڙي کوٽ آهي؟

ڏالي - گهڻو پگهار ملندو؟

موهن - ٽائيپ ڄاڻندي هجين ته چار سؤ روپيا، شارٽ هئنڊ سان گڏ اٺ سؤ روپيا. ٽيليڪس وغيره آپريٽ ڪري ڄاڻين ته ٻارهن سؤ روپيا.

ڏالي - بس؟

موهن - ماڊلنگ يا اشتهاري فلمن ۾ ڪم ڪرڻ چاهين ته پوءِ پنهنجي پگهار پاڻ مقرر ڪري سگهين ٿي. ها ها ها ....

(موھن ۽ ڏالي ٻاھر وڃن ٿا)

ميش – (پنھنجي منھن) سال ۾ ڏھہ لک روپيا! پنجن سالن ۾ پنجاھ لک روپيا! پنھنجو بنگلو، پنھنجي ڪار! نوڪر چاڪر، عيش آرام. مان عزت، ڪڏھن لنڊن، ڪڏھن پئرس! Oh! I'll be a rich man!

چندرا – (اندر اچي) موھن ھليو ويو؟

ميش – چندرا! تون سڀاڻي نوڪريءَ تان استعيفا ڏيئي ڇڏ.

چندرا – ڇو ڇا ٿيو؟

رميش – ھر ڳالھہ ۾ ٻحث نہ ڪندي ڪر! جيئن مان چوان تيئن "ست وچن" چوندي ھل! سيٺ رميش ڪمار جي ٻالاٽي جي ڌرمپتني ڪنھن غير جي در تي چاڪري ڪري نٿي سگھي.

چندرا – (مشيني طور) ست وچن!

رميش – گڊ! ويري گڊ!! ھا، تو وٽ ساڙھيون گھڻيون آھن.

چندرا – اٺ ڏھہ تہ ضرور ھونديون.

رميش – اھي سڀ ڇڙي وڃون اٿيئي. سڀاڻي گنگا جمنا ڊزن ساڙھيون ٻيون نيون وٺي اچ!

موهن - Most Welcome. مون کي ته ڏاڍي خوشي ٿيندي. تون پنهنجي چندرا جو گهوٽ آهين. ان کان وڌيڪ ھٽيڪو ماڻهو مون لاءِ ڪهڙو ٿي ٿو سگهي. سال ۾ توکي ڏهه ويهه لک روپيا حصو ملي ويندو جي تون محنت ۽ ايمانداري سان ڪم ڪندين!

رميش - (موهن سان هٿ ملائيندي) Done مان اڄ ئي بابا سان صلاح ڪري توکي سڀاڻي جواب ڏيندس.

موهن - It suits me! چڱو مان هينئر هلان!

رميش - تون اڄ رات هت ئي ڇو نه ٿو رهي پوين. گڏجي ماني کائينداسين. هي به پنهنجو ئي گهر اٿيئي.

موهن - هن دفعي بزنس جي سلسلي ۾ آيو آهيان ايندي دفعي ضرور ٿو وٽ ئي اچي رهندس.

رميش - It will be my pleasure! هل مان توکي ٻاهر تائين ڇڏي اچان.

موهن - نه! تون چندرا کي وڃي ڏس. ڪيس مٿي ۾ سور آهي. شايد ڪيس ڊاڪٽر جي ضرورت هجي. مون کي ڊالي ٽئڪسيءَ تائين اڇيرو ڪري ايندي. هل ڊالي اوڪي. باءِ!

چندرا - (مشڪي ٿيندي) توکي ڪهڙي لاٽري هٿ لڳي آهي ؟

رميش - موهن مونکي پنهنجي امپورٽ ايڪسپورٽ جي ڌنڌي ۾ پارٽنر بڻائي رهيو آهي. مان سنڌس ڪلڪتي آفيس جو انچارج بڻجندس. سال ۾ اٺ ڏهه لک روپيا فائدو. اسانجي گهر ۾ روپيا ئي روپيا هوندا. خوشي ئي خوشي هوندي.
(رميش چندرا کي ٻانهن مان پڪڙي گول گول ڦيرا ٿو پائي.)

رميش - (چندرا چڙندي) تنهنجو ماسات واقعي هيرو آهي هيرو. ڪاش منهنجي هن سان ڪجهه سال اڳ ملاقات ٿي هجي ها. ڇو توکي ٻڌي خوشي نٿي لڳي ته اسانجا هينئر ڏينهن ڦرڻ وارا آهن.

چندرا - (مايوسيءَ مان)- اسين اڄ بنا ڪار، ٽي-وي فرج کانسواءِ به سکي آهيون. عيش عشرت جون اهي شيون مفت ڪونه ملنديون آهن. انهن لاءِ توکي ڪافي وڏي قيمت چڪائڻي پوندي (رميش کي ٻانهن کان پڪڙي) مون کي ڏاڍو ڊپ ٿو ٿئي رميش! تون موهن سان ڀائيواري

چندرا - ست وچن!

رميش - ۽ ها ڳهڻن ڪا اسواءِ تون ٻئي ٻي ٿي لڳين
ڪنهن پارٽي ۾ ٿي هلنداسين ته ماڻهو چـ
چوندا؟ توکي رام لڪشمڻ مان سونـي
جون چوڙيون، هيرن جو هار ۽ هيرن جـ
ٽاپس ٺهرائي ڏيندس.

چندرا - ست وچن!

رميش - ايئيس بيوٽي پارلر مان وار ٺهرائـي اچ
اسين هني مُون ڪرڻ سوئٽزرليڊ هلنداسين.

چندرا - ست وچن!

رميش - ڪار ائمبيسيڊر وٺون يا فيئٽ؟ منهنجي
ته مرضي آهي، موهن جي معرفت جاپاني
ٽوائٽو گهرايون. ڇا خيال اٿيئي.

چندرا - ست وچن!

رميش - مون پڇيو تنهنجو پنهنجو ڪهڙو رايو آهي
فئيٽ، ائمبيسيڊر يا ڪو فارين ماڊل؟

چندرا - جيڪو اوهانجو رايو آهـو منهنجو رايو.
ست وچن!

رميش - (خفي ٿيندي) هـيءَ ڪهڙي بيوقوفن
واري رٽ لڳائـي اٿيئي. ست وچن!
ست وچن!! تـون مونکان اهو نٿي پڇين
ته مون کي ڪهڙي لاٽري هٿ لڳي آهي؟

انڪ ٻيون

ڏيک پهريون

(ساڳيو ڊرائنگ روم سجاوٽ سان. نوان پڙدا، ٽون صوفا سيٽ. گلدستا. پٽ تي قيمتي غاليچو. چوطرف شاهوڪاري ڏيک، ٽي. وي. اسٽيريو ۽ ٻيا سامان. روشنيءَ جو پورو سامان. اسٽيريو تي هلندڙ هڪ انگريزي گانو.... ”مني! مني!! مني!!! اِٽ اِز رچ مئنس ورلڊ!“ ڊالي ۽ موهن ڪمر لوڏائي نچي رهيا آهن. ٺاڪرداس در تي اچي ڪين نچندو ڏسيٿو. ۽ قبوليت ۾ سر لوڏيٿو. موهن ۽ ڊالي ٺاڪرداس کي آيل ڏسي نچڻ بند ٿا ڪن. سنگيت به ازخود بند ٿي ٿو وڃي)

موهن- وي آر وي ساري ڊئڊي!

ٺاڪرداس- ڇو ڇا ٿيو نچڻ ڇو بند ڪري ڇڏيو؟

موهن- اسان کان غلطي ٿي ڊئڊي. معاف ڪجو!

ٺاڪرداس- ڇا معاف ڪريان؟

موهن- توهان کي ڊسٽرب ڪيوسين. اوهان جي طبيعت به ٺيڪ ناهي.

ٺاڪرداس- لو لو! ڪٿي آن! مان نه پاڻ توهانجو ناچ

کرڻ جو خيال لاهي ڇڏ!

رميش- نه، هرگز نه! زندگيءَ ۾ مون کي هي پهريون ۽ عاليشان موقعو مليو رهيو آهي. مان کنهن به قيمت تي اُن کي هٿن مان هينئر کسڪڻ نه ڏيندس.

چندرا- تون مون کي بيحد پيار ڪندو آهين نه؟

رميش- ها، پوءِ ڇا؟

چندرا- (رميش جو هٿ پنهنجي مٿي تي رکي) کڻ منهنجو قسم ته تون موهن کي هن گهر ۾ وري گهڙڻ نه ڏيندين!

رميش- (هٿ ڇڏائي) تنهنجو دماغ ته ٺڪاڻي آهي؟

چندرا- (اڳيان درشڪن طرف وڌي اچي) الاجي ڇو اڄ منهنجي اک، ڦڙڪي رهي آهي. هي ايشور! تون ئي اسانجي رکيا ڪجانءِ. (آهستي آهستي روشني جهڪي ٿيندي ٿي وڃي. پردو ڪرندو.)

انٽرويل

(ٺاڪرداس ڇڏائي وڃڻ جي ڪوشش ٿو ڪري)

موهن- ڊئڊي! ڪيڏانهن ٿا وڃو. ٻڌو ته —

ٺاڪرداس- (اندر ويندي) نو نو— آءِ ائم بالڪ يو ڪئري آن ....

موهن- (ٽهڪ ڏيندي) بالڪ؟ ها ها ها.... هو هو هو.... يس ڊئڊي از ڪمين بالڪ!

(موهن کلندي کلندي صوفا تي اچي ويهي ٿو. سنگيت بند ٿي وڃي ٿو)

موهن- ڪم آن ماءِ بيبي ڊال.... ڪم سٽ هيئر وٽ مي!

(ڊالي موهن جي ڀر ۾ صوفا تي اچي ويهي ٿي)

موهن- (گهڙيءَ طرف نهاري) اڄ رميش اچڻ ۾ دير ڪئي آهي. تنهنجي پاپي آئي آهي؟

ڊالي- نه پاپي به اڃا ڪالهه موٽي آهي. توهان لاءِ چانهه ٺاهي اچان؟

موهن- نه! رميش چندرا اچن ته گڏجي ٿا پيئون. تون ڪجهه پاڻ بابت ٻڌاءِ! تنهنجا ڪهڙا شوق آهن.

ڊالي- خاص ڪونه. بس انگريزي ڳائڻ ڳائڻ. ڪڏهن ڪڏهن چترڪاري ڪيڻ. توهان پٽرس ۾ ڪاسو

گانو ايڊجواءِ ڪري رهيو هوس. منهنجي
طبيعت بلڪل ٺيڪ آهي.

موهن- پوءِ به آخر هي گهر آهي نه. ايترو شور غل
مچائڻ اسان لاءِ واجب ناهي.

ناڪرداس- پنهنجي گهر ۾ نه نچندا ڳائيندا ته ڇا ٻاهر
وڪٽوريا ميدان ۾ ٽپا ڏيندا؟

موهن- پاڙي جي لڄ به قتي سگهندي. اُن جو
به اسان کي خيال رکڻ گهربو هو.

ناڪرداس- اڙي مار گولي پاڙي کي. پاڙو اسان جو
ڪهڙو خيال ٿو رکي جو اسين پاڙي جو
خيال رکنداسين. چل شروع هو جا (چپٽي
وڄائي) ون .... ٽو .... ٿري.

(موهن ۽ ٻاليءَ وري نچڻ شروع ٿا ڪن.
ساڳيو گانو ”مئي مئي مئي .... اِٽ اِز رچ
مئنس ورلڊ“ بئڪ گرائونڊ ۾ وڄڻ ٿو لڳي.
موهن ناڪرداس کي پڪڙي پاڻ سان نچائڻ
لڳيتو، ليڪن ناڪرداس ٻه چار ڦيرا پائي
سهڪڻ ۽ پوءِ کنگهڻ ٿو لڳي)

ناڪرداس- نه بابا، پاڻ کان هاڻي نٿو پڄي. نچڻ ڳائڻ
جي عمر توهان جي آهي. اسين هينئر
مانا ڪائي مٿي چڙهيا آهيون.

ڏالي - اڇا؟

(چندرا در کولي اندر داخل ٿئي ٿي. کين هنن ٻنهي ڏانهن شڪي نگاهن سان نهاري تيز قدمن سان اندر هلي وڃي ٿي)

ڏالي - (موهن جي هٿن مان پنهنجا هٿ ڇڏائي) پاپي!

(ڏالي اُٿي چندرا جي پٺيان وڃي، وري واپس موٽي اچي موهن جي پرسان ٻئي صوفا تي ويهي ٿي)

ڏالي - توهان کان هڪ سوال پڇان؟

موهن - پڇ!

ڏالي - پاپي اوهان کان ايترو ناراض ڇو آهي؟

موهن - مون پنهنجي پاپيءَ جي ٻلي ماري آهي!

(موهن ۽ ڏالي ٻئي ٺهڪ ڏيئي کلن ٿا. رميش بريف ڪيس سان اندر گهڙي ٿو)

رميش - پاڻي، ڪهڙي ڳالهه تي ٺهڪ ڏيئي کلي رهيا آهيو، مونکي به نه ٻڌايو؟

ڏالي - دادا! توهان کي خبر آهي پاپي هن کان ڇو ناراض آهي؟

موهن - (کيس اک ٻه ڪڇيندي) وڃ ٻيبي ڏال!

ءَ وان گوجا چٽ ضرور ڏٺا هوندا. پئرس
بيحد خوبصورت شهر آهي نه؟ منهنجي
ڏاڍي دل آهي مان پئرس، لنڊن، روم
ڏسان توهان رومن هاليڊي پڪچر ڏٺي
آهي؟ مونکي گريگري پيڪ بيحد وڻندو
آهي. ڇا نه سمارٽ ڪيوٽ آهي.
(موهن سگريٽ ڪڍي دکائي ٿو ۽ پڪ ٿڪ
ڊاليءَ ڏانهن نهاري مسڪرائيٿو)

موهن - توکي کاڌو رڌڻ ايندو آهي.

ڊالي - ڇا کائڻ پسند ڪندا. چڪن برياني - چڪن
مسالا. چڪن ٽڪا يا چائنيز جو چڪن
چلي، فرائيڊ رائيس - نوڊلس!

موهن - توکي اهي سڀ کاڌا تيار ڪرڻ ايندا
آهن؟

ڊالي - توهان کائي نه ڏسو جناب! هٿ نه ڇٽيو نه
پوءِ ڇئجو.

موهن - (ڊاليءَ جا هٿ پنهنجي هٿن ۾ وٺندي)
واقعي تنهنجا هٿ تنهنجي ڪلاڪار هئڻ
جو ثبوت ٿا ڏين.

ڊالي - اهو ڪيئن ٿا چئو؟

موهن - هٿن جي بناوت مان پڌائي سگهجيٿو ته
هي ماڻهو چور رهزن يا خوني آهي.

وهن – نه يار! مان هينئر وقت ڪي دير نه ترسندس!
هوٽل ۾ وڃي آرام ڪندس.

ميش – ڇو ڇا ٿيو؟

وهن – بس طبيعت ٺيڪ ناهي!

ميش – ڇا ٿيو آهي تنهنجي طبيعت کي؟
(موهن جي نبض تپاسي) مونکي ته تون
سوا سورهن آنا فٽ ٿو نظر اچين.

موهن – نه دوست، مان بيمار آهيان، سخت بيمار!
ڪن کي سرير جي بيماري ته ڪن کي آهي
دل ۽ دماغ جي بيماري! منهنجي دماغ ۾
به هڪ ڀوت اچي واسو ڪيو آهي جيڪو
مونکي سک چين سان ويهڻ ٻيهڻ نٿو
ڏئي. خدا! ان ڀوت کي ڀڄائڻ جو ڪو
علاج آهي؟

رميش – ها آهي، شادي!

موهن – شادي؟ يعني مئريج!

رميش – ها شادي ڪندين ته تنهنجي اڪيلائپ
جو اهو ڀوت ڀاڄهي ڀڄي ويندو.

موهن – ليڪن يار شادي ته جؤئا آهي جؤئا.
Pure Luck! صحيح پاسو لڳو ته واه واه،
نه ته سڀ ڪجهه تباهه!

رميش – مان توسان ان ڳالهه ۾ شامل راءِ ناهيان.

هيئنر تون اسان لاءِ ٻنهجي هٿ جي تيار
ڪيل سنتي چانهه ڪڍي اچ .

ڊالي - اُتي اندر وڃڻ لڳي ٿي . رميش کيس
روڪي چويٿو - نه ! هي ڪو چانهه پيئڻ
جو وقت آهي . تون برف ڪڍي اچ .
(رميش بار ڪائونٽر تان ٻه گلاس ڪڍي،
وسڪي اُنهن ۾ پريٽو ۽ موهن جي سامهون
ٽپائي تي هڪ گلاس رکندي چويٿو)

رميش - يار خوشخبري ٿو ٻڌايان . مال جي ٽرڪ
سلامتيءَ سان ڍاڪا پهچي وئي !

موهن - شاباس ! تو هيئنر پوريءَ طرح منهنجو ڪم
سنڀالي ورتو آهي. I,m Very much satisfied
هن ڊيل مان ٻن لکن جو نه ضرور فائدو
ٿيندو .
(ڊالي برف ڪڍي ٿي اچي رميش گلاسن
۾ برف ٿو وجهي)

موهن - چيئرس مٽ اورسڪسيسفل مشن !

رميش - لانگ لو اور پارٽنرشپ فار پيس !
پراگريس اينڊ پراسپيرٽي .

رميش - (ڊالي کي) وڃ چندرا کي سڏ ڪري اچ.
We shall all Celebrate together.
ڊالي اندر وڃي ٿي.

کٽي آئي آهي)

رميش - توکي چيم چندرا کي سڏي اچ!

ڊالي - پاپيءَ کي مٿي ۾ سور آهي.

رميش - نه! اهو سندس بهانو آهي. مان ٿو کيس وٺي اچان. (رميش اندر وڃيٿو)

موهن - ڊالي، همت ويهه! ٻڌاءِ! تون ڇا وٺڻ پسند ڪندينءَ. وسڪي، جن، شيري.... ڪم آن ڪم آن.... ڊونٽ بي شاءِ يو آر اَ گروون اَپ گرل....

ڊالي - نو نو سافٽ ڊرنڪ فار مي پليز!

موهن - اوڪي! آءِ يو لائيڪ اِٽ. تنهنجي پاپيءَ لاءِ به سافٽ ڊرنڪ؟

(موهن بار ڪائونٽر تان ٻن گلاسن ۾ لمڪا ڀري آيو. هڪ ڊاليءَ کي ۽ هڪ ٽيبل تي رکي ٿو)

موهن - ڊالي! توکي جيڪڏهن هيءَ زندگي خوش ٿي هڪ وردان ڏئي ته، تون جيڪر اُن کان ڇا طلبين؟

ڊالي - (لمڪا جو ڍڪ ڀريندي) مان... مان.... جيڪر چاهيان فلم ائڪٽريس ريکا جيان منهنجا به هزارين Fan هجن جيڪي مونکان آٽوگراف گهرن. منهنجي لاءِ رستي تي

زندگي جيان شادي بہ Adventure آهي
Adventure !

It has both moments of Ecstasy and agony!

جيئن اسانجي هي ۽ امپورٽ ۽ ايڪسپورٽ
بزنيس!

موهن - بزنيس؟ پيٽ مهل تہ بزنيس جو نالو نہ
وٺندو ڪر!

رميش - تنهنجي دماغ تي تہ صرف هڪ ڀوت سوار
آهي. منهنجي دماغ تي ڏهہ ڀوت سوار
آهن. پوليس، ڪسٽمس، ايڪسائيز،
انڪم ٽئڪس، سيل ٽئڪس. انهن ڀوتن
کي ڀڄائڻ لاء مون کي بہ ڪو علاج ڳڌاء!

موهن - هڪ ڪم ڪر! (پنهنجي ڪيسي مان نوٽن
جو هڪ بنڊل ڪڍي) هن کي پنهنجي
ڳچيء ۾ تعويذ بڻائي لٽڪائي ڇڏ.
(رميش جي ڳچيء ۾ مالا جيان نوٽن جو
بنڊل پائي ٿو) مان توکي وشواس ٿو ڏياريان
تہ هن بعد ڪو بہ ڀوت توکي تنگ نہ ڪندو
(رميش ۽ موهن ٻئي ٽهڪ ڏيئي کلن ٿا)

موهن - ڪم آن باٽمس اپ!

(موهن ۽ رميش ٻئي گلاس ختم ڪن ٿا.
رميش گلاس ڀري ٿو. ڊالي پليٽ ۾ پاپڙ

هجي. زندگي آهي ئي کائڻ پيئڻ ۽ عيش ڪرڻ جو ٻيو نالو....

موهن - واه واه! بهت خوب!

چندرا- تون ٻه ته اسانکي پنهنجو رايو ٻڌاءِ!

موهن - منهنجو رايو؟ منهنجو رايو؟ نه! مونکي هيئنر پئسو، عورت، شراب، شهرت نه گهرجي. انهن شين مان منهنجي دل ڍاپجي ويئي آهي. پاڻ انهن مان اُٻتا ٿا اچون.

رميش - واٽ نانسينس! انسان جو من ڪڏهن به انهن شين مان ڍاپجڻ وارو ناهي!

موهن - منهنجو من ڍاپجي ويو آهي. مان ته هيئنر هي سڀ ڇڏي ڏيڻ چاهيان ٿو.

رميش - ڪيڏانهن؟

موهن - مان ته بس هيئنر ڪنهن هڪ انسان جي اکين ۾ پاڻ لاءِ جڳهه تلاشيان ٿو. هن جهان ۾ ڪٿي نه ڪٿي، ڪنهن ڪنڊ ۾ ضرور هڪ انسان هوندو جنهن کي منهنجي ضرورت هوندي. جنهنجي دل ۾ مون لاءِ پيار، عزت، شردا هوندي. مون کي پنهنجو اهڙو همدم- همراز دوست ملي

اکيون وڇائي ويٺا هجن.... سچ! مزو اچي وڃي!

موهن - (ٿهڪ ڏيئي) واه واه! بهت خوب!

(رميش ۽ چندرا اندر اچن ٿا. موهن کيسي مان هڪ گوري ڪڍي، سافٽ ڊرنڪ جي گلاس سان گڏ چندرا کي آڇي ٿو)

چندرا - هي ڇا هي؟

موهن - ساريڊان! توکي مٿي ۾ سور آهي!

چندرا - (کلندي) نه، منهنجي مٿي جو سور ڪا گوري وٺڻ سان لهڻ وارو ناهي. منهنجي مٿي جو سور ته هي آهي جيڪو موهن کي روز شام جو زبردستي ڪنهن نه ڪنهن پارٽيءَ ۾ گهلي ٿو هاي. اڄ اڌ رات تائين هي دوستن سان شراب پيئندو رهي ۽ مان اوٻاسيون ڏيندي ٿي رهان.

رميش - ڇڏ يو انهن ڳالهين کي؟ تون ڊاليءَ کان ڇا پڇي رهيو هئين؟

موهن - توکان به ساڳيو سوال ٿو پڇان. ٻڌاءِ! تنهنجي هن زندگيءَ کان ڪهڙي تقاضا آهي؟

رميش - (گلاس کڻندي) منهنجي ته زندگيءَ کان پر هڪ ئي تقاضا آهي. هي گلاس ڪڏهن خالي نه ٿئي. هميشه ڀريل ئي ڀريل

جا گهيرا ئـي گهيرا آهن - جن مان ٻاڻ
کي آزاد ڪري نٿي سگهان. اها ٻه خبر
نٿي پوي ته مان هڪ هنڌ بيٺي آهيان يا
ڪنهن دشا ۾ هلي رهي آهيان يا ماڳهين
ساڳي جڳهه تي گول گول ڦري رهي آهيان.
لڳيٿو. لڳيٿو. مان ٻاڻ کي ڳولهيندي....
گم ٿي ويئي آهيان، وڃائجي ويئي آهيان
وڃائجي ويئي آهيان، (ڳالهائيندي چـنڊ
چندرا جي زبان جـي سڻي اٽڪي پيئي
آهي)

رميش - چندرا کي ڏونـدائڙي چـپ ڪرائي ٿو.
چندرا! تنهنجي طبيعت ته ٺيڪ آهي؟
(رميش کيس ٻانهن کان جهلي آڻـي صوفا
تي وهاري ٿو)

رميش - مون توکي ڪيترا دفعا چيو آهي. اها
نوڪري ڪرڻ ڇڏي ڏي. اها توکي بيحد
ٿڪائي ٿي ڇڏي. توکي آرام جي ضرورت
آهي. ليڪن تون آهين ئـي هڻـي سڀاءَ
جي. ٻئي ڪنهن جـي ڳالهه مڃيندين ٿورئي!

(رميش وسڪيءَ سان پنهنجو گلاس ڀري
ڊاليءَ کي چوي ٿو - ڊالي! تون اندر هل.

وٺو ته سمجهندس منهنجي زندگي کي
معنيٰ ملي وئي.

رميش - (پنهنجي گلاس ۾ وسڪي پيئندي) يار
تون هڪ ٻوچوڻ، توکي اهڙا ڏهه دوست
خوشيءَ سان ملي ويندا، جيڪي تو جهڙي
دل گهرئي دوست مٿان جان نڇاور ڪرڻ
لاءِ تيار ٿي ويندا. انهن مان تون هڪ
مونکي به ڳڻي سگهين ٿو.

موهن - ٺيڪ يار! مان تنهنجي اظهاريل ڀاولا جو
قدر ٿو ڪريان.

ڊالي - پاپي! هينئر تنهنجو وارو آهي.
تون هن زندگيءَ کان ڇا ٿي چاهين؟

موهن - ها چندرا! مان به توکان ساڳيو ئي سوال
پڇڻ وارو ئي هوس.

چندرا - (اٿي درشڪن طرف وڃي ٿي اچي.
اِسپاٽ لائيٽ هن جي چهري تي)
مون ته اڃا ان سوال تي سوچيو ئي ناهي.
زندگي اڃا ته مون لاءِ هڪ پرولي آهي،
نه سمجهه ۾ ايندڙ ڳجهارت. مون کي لڳي
ٿو منهنجي چوگرد اونده ئي اونده آهي
جنهن ۾ مان ٿاڦوڙا هڻي رهي آهيان.
منهنجي چوطرف اوچين ديوارن

(ٺاهي چندرا کي ڏيندي چوٿو)

موهن - وٺ پيءُ! تون پاڻ کي بهتر سمجهڻ محسوس ڪرڻ لڳندينءَ.

(چندرا گلاس وٺي هن ڏانهن موالي نگاهن سان نهاري ٿي)

موهن - ها! ٿوري دير لاءِ پاڻ کي وساري سگهندينءَ!

چندرا - (گلاس واپس اڳيان ٽپائي تي رکي) نه! مان هينئر پاڻ کي وسارڻ نٿي چاهيان بلڪ مان پاڻ سان دوبدو ٿيڻ ٿي چاهيان. توهان مردن جي سوارٿ کي سمجهڻ چاهيان ٿي. ڇا اسين عورتون محض سينگار جو سامان آهيون جن کي اوهين گراهڪن کي هرڪائڻ لاءِ پنهنجي دوڪان جي شوڪيس ۾ سجائي رکڻ چاهيو ٿا؟ نه مان هينئر پنهنجي بابت پاڻ فيصلو ڪرڻ ٿي چاهيان. توهان مردن جا فيصلا مڃي مڃي ٿڪجي پيئي آهيان.

موهن - چندرا! مونکي خوشي آهي ته تو اڄ پنهنجي سنسڪاري بندڻن کي سڃاتو آهي. مان توکي هن پڃري مان مڪت ڪري، ٻاهر آزاد وايو منڊل ۾ وٺي هلڻ ٿو چاهيان.

ماني لڳائڻ جو بندوبست ڪر. موهن تون
روئي ڪائي ٻوء ويندين. (ڊاڪي اندر هلي
ٿي وڃي)

رميش - ليڪن اڄ وڃڻ ڪان اڳ مون تي اهو اُپڪار
ضرور ڪر. تون منهنجي پاران هن ڪان پڇ
ته ڪيس هن گهر ۾ ڪهڙي ڪمي آهي؟
ڇو هيءَ هر وقت منهن سڄائي ويٺي آهي
هي گهر ڪيس پاڻ لئو ٻوي. هر وقت گهر ڪان
باهر ڀڄندي ٿي رهي. نوڪري ڪرڻ جو
ڪيس ايترو شوق آهي ته، اهو منهنجي
آفيس ۾ ئي پورو ڪري سگهي ٿي. آخر هن
جي باس ورما ۾ اهو ڇا هي جو مون ۾
ناهي!! ان ڳالهه ڪي وني بزنيس سرڪل
۾ منهنجي ڪيتري نه بدنامي ٿي ٿي.
سڀڪو مونتي کلي ٿو، چٿرون ٿو ڪري.
زال هڪ جي موجون ماڻي پيو! آء هيٽ
د ٽت باسٽرڊ! آء هيٽ هم!!

چندرا - اسٽاپ اِٽ! آء سي اسٽاپ اِٽ!!

رميش - نو - آء ول شوٽ د ٽت باسٽرڊ؟

(رميش لڙڪڙائيندڙ قدمن سان اندر وڃيٿو
ء ساڳي لموني پٽڪندو ٿو وڃي)

(ڪن ڪمن جي خاموشي. موهن هڪ گلاس

انڪ ٻيون

ڏيک ٻيون

(اونده. اونداهه ۾ ماچيس جي تيليءَ جو ٻرڻ ۽ ٺاڪرداس جو پنهنجي ٻيڙيءَ کي سلگائڻ. آهستي آهستي روشني ڦهلجي ٿي. ٺاڪرداس جي اڳيان ٽپائيءَ تي چانهه جو پيالو رکيو آهي. هنج ۾ سنڌي اخبار ساڳيو ڊرائينگ روم جو ڪمرو .... ڪار جو ڊرائيور ٽين ڪوڙي پنڪيءَ کي هٿ کان ڇڪي اسڪول وٺي وڃي رهيو آهي. پنڪي اچانڪ ڊرائيور کان هٿ ڇڏائي پيءُ جي سامهون بيهي ٿي.)

پنڪي- (پنهنجي گلابي راجستاني اسٽائيل جي ڊريس ڏيکاريندي) منهنجي هيءَ ڊريس ڪيئن آهي؟

ٺاڪرداس- (پنڪي کي هيٺ کان مٿي نهاريندي) سٺي آهي، بيحد سٺي!! تون ته اڄ بلڪل پرين جي شهزادي ٿي لڳين!

ڊرائيور- (بنگاليءَ ۾) چل مان. اسڪول ديري هوئي جابي.

پنڪي- (پنڪي ڊرائيور جو هٿ پڪڙي) توهان

چندرا- نہ موھن! منھنجو ھيئڙو ٻيڙا ٻدلڻ ۾ ڪو
چاھي. ڪونهي. مان پنھنجي سر ھينئر
پنھنجو مالڪ ٿيڻ چاھيان ٿي. مان جا
آھيان ۽ جا ٿي سگھان ٿي، اھو ٿيڻ
چاھيان ٿي!

(چندرا کي ٻانھن کان پڪڙي)

موھن- توں مونکي غلط سمجھي رھي آھين
چندرا! مان ڪڏھن نہ چاھيان جو توکي تنھنجي
مرضيءَ خلاف ھتان پڄائي، سولي لنڪا
۾ بندي بڻائي رکندس. مان نہ توکي
تنھنجي سمورن گڻن دوشن سميت قبول
ڪري، تنھنجي ورتل ھر ھڪ فيصلي کي
سنمان ڏيندس. آءُ سنمان سان تنھنجي
جيئڻ جو حق تسليم ڪري، تنھنجي آزاديءَ
۾ ڪو دخل نہ ڏيندس. ٻلڪ توکي ڪجھہ
بڻجي ڏيکارڻ ۾ پوري مدد ڪندس....
توں صرف ھڪ دفعو ھا چئہ! ھا چئہ!!

(موھن چندرا کي ڏولڏاڙي ٿو! رميش
ٻيڊ روم جي در ۾ بيٺل نظر اچي ٿو)

روشني آھستي آھستي جھڪي ٿي وڃي
ٿي. اولڙو! سنگيت!!

ٽين ڪوڙي- هان سر! چل مان!
(ٽين ڪوڙي ٻنڪيءَ کي ٻانهن کان
پڪڙي وٺي ٿو وڃي)
ٻنڪي- پاپا .... ٽاٽا!
ٺاڪرداس- ٽاٽا .... ٽاٽا
ڪانتا- (اندران ڊوڙندي ايندي) هي ٽفن وري
هٿ ۾ وساري ٿي وڃي. هن ٻارن کي
ته پنهنجو ڪو هوش آهي ئي ڪونه!
(ڪانتا ٽفن باڪس ٻنڪيءَ جي ٿيلهي ۾
رکي ٿي)
ٻنڪي- ٽاٽا ممي!
ڪانتا- جيڏانهن ٻير، تيڏانهن خير!!
(ڪانتا هٿ لوڏي، ٻنڪيءَ کي الوداع
ڪري ٿي. ٺاڪرداس اکين تي عينڪ چاڙهي
اخبار پڙهڻ ۾ مشغول ٿي وڃي ٿو. ڪانتا
کي اندر ويندو ڏسي سڏ ٿو ڪري.)
ٺاڪرداس- ڪانتا!
ڪانتا- وري ڇا هي؟
ٺاڪرداس- هيڏانهن اچ، هڪ مزيدار خبر پڙهي ٻڌايانءِ.
ڪانتا- (ساڙهيءَ جي پلوءَ سان نرڙ اگهندي) مون
کي گهر ۾ اڃا گهڻو ئي ڪم پيو آهي.
ٺاڪرداس- هڪ منٽ هت منهنجيءَ ڀر ۾ اچي ويهه.

اڄ ڪنسرٽ ۾ ضرور اچجو. مميءَ کي ٻه
ونئي اچجو. رميش ڀَيا کي ٻه، چندرا
آنٽيءَ کي ٻه.... ڊالي کي ٻه....

ٺاڪرداس- واهه، توهان ته هينئر سڀئي سنڌي ڳالهائڻ
سکي ويئي آهيو. ماستر صاحب توکي
سنڌي ۾ لکڻ پڙهڻ به سيکاريو آهي يا
صرف ڳالهائڻ؟

پنڪي- بابا! اسانجي اسڪول جو سنڌي سائين
ڏاڍو سٺو آهي. مون کي خوب پيار ڪندو
آهي. مان سڀ سکي ويئي آهيان! الف
انب! بي بلا.... ٻي ٻڪري!!

ٺاڪرداس- ڇا چيئه، وري چئه!!

پنڪي- ٻي ٻڪري، ٻي ٻلو، ڀي ڀولو....

ٺاڪرداس- ۽ ڏال؟

پنڪي- ڏال ڏيڏر.

ٺاڪرداس- ۽ جي.

پنڪي- جي جڄ.

ٺاڪرداس- پاس، بلڪل پاس! (ڌيءَ کي ڀاڪر
پائي) هندستان جي آدمشماريءَ ۾ هڪ
هيو سنڌي وڌيو. هاڻي توهان وٽ ڌيءَ!
اسڪول ديري تي ويندءُ.... ليڪن ڪوڙي
چالو ڪوري نيي جاس!

ڪرداس- وري وچ ۾ ڳالهايو. منهنجي چوڻ جو
مطلب آهي هڪ ڪرسيءَ لاءِ ڏهه هزار
درخواستون!

ڪانتا- توهان پنهنجي درخواست نه موڪلي ڇا؟
گهر ۾ هيٺين نڪمڻو ٿي ويهڻ کان پارليامينٽ
۾ وڃي توهان به پاڻ جهاڙيو ها ته اخبارن
۾ توهانجو نالو ۽ فوٽو نه گهٽ ۾ گهٽ
ڇپجي ها.

ڪانتا- (اُٿي در طرف ويندي) ڏسجو اِها
ڪرسي ڪنهن به سنڌيءَ کي نه ملندي.

ناڪرداس- اِهو ڪيئن ٿي چوين. اسان وٽ ايترا قابل
ليڊر آهن- ڏهه هزار؟

ڪانتا- (در وٽ بيهي) ڏهه هزار هجن يا ڏهه
لک! پوءِ به اها ڪرسي خالي ٿي پئي
هوندي. هن کوهه مان جي هڪ سنڌي
مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ته ٻيو
جهٽ سندس ٽنگ پڪڙي هيٺ ڪيرائي
ڇڏيندس.

ناڪرداس- (ٽهڪ ڏيندي) چئين سچ ٿي!

ڪانتا- (اندر وڃي وري موٽي ٿي اچي) پر
توهانجو ان سان ڪهڙو لهڻو ڏيڻو. هاڻي
ڇڏيو اها پرائي پچار. اٿو اشنان پاڻي

(ڪانتا جهنجهلائينديءَ هن جي پر واري صوفا تي اچي ويهندي)

ٺاڪرداس- اخبار ۾ خبر آئي آهي تہ هند سرڪار انڊو انڊين ڪميونٽيءَ جيان سنڌين ۾ بہ هڪ عيوضي پارليامينٽ ۾ ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ڇا تون سمجهين؟

ڪانتا- سمجهانءِ! سڀ ٿي سمجهان. هڪ ميمبر سنڌين جو بہ کڻندا. پوءِ ڇا ٿي پيو؟

ٺاڪرداس- ان ايم. پيءَ جي ڪرسيءَ لاءِ ڏهہ هزار سنڌي وڪيلن، ڊاڪٽرن، حڪيمن، ونڊن پروفيسرن، ڊوڪرن، ناچڻ، گوين، ميراثين هند سرڪار وٽ پنهنجون درخواستون موڪليون آهن. درخواستن سان گڏ پنهنجا فوٽا بہ موڪليا اٿون.

ڪانتا- فوٽو نہ موڪليندا تہ ٻيو ڇا موڪليندا. مٿن وٽ موڪلڻ لاءِ ٻيو آهي ڇا؟

ٺاڪرداس- مونکي ڳالهہ تہ پوري ڪرڻ ڏي. درخواستن، فوٽن سان گڏ، سنڌي جاتيءَ لاءِ ڪيل پنهنجي شيوا جي ڪمن جي لسٽ بہ موڪلي اٿون.

ڪانتا- شيوا ڊوڙ جي ڪئي اٿئون. سڀني ڪي پنهنجو سوارٿ سڌ ڪرڻو آهي.

ڪرداس- هڪ ضروري ڳالهه ياد اچي ويئي. ويهه
هت منهنجي پر ۾ اچي ويهه.

ڪانتا- مون کي تنهنجون اهي اوڦٽيون ڳالهيون
ٻڌڻ جو وقت ڪونهي. گهر ۾ گهڻو ئي
ڪم پيو آهي. هوءَ منجهند آفيس وڃڻ لاءِ
تيار بيٺي هوندي. ٽين وقت تي ته
ملنديس ته منهن سڃائي، ٻنان ڪائي ئي
هلي ويندي. هينئر پڇيس ته ٽوڪي
نوڪري ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت پئي
آهي. رميش چڱو خاصو ڪمائي ٿو. پر نه،
رنو پڙو پائي، ڏکجي چڙجي، جنهن کي
روز روز گهمڻ ڦرڻ، پراون مردن جي
منهن لڳڻ جي هڪ دفعو چٽ پئجي
ويئي، اُن کي ڀلا گهر ۾ ويهڻ ايندو؟ هن
گهر جي چڪي پيهڻ منهنجي ڪرمن ڪرمن
۾ ئي لکيل آهي.

ناڪرداس- ڇو هو راموءَ جو ڦر ڪيڏانهن ويو؟

ڪانتا- اڄ ته مٿو موڪل وٺي ويو. ڪڏهن سندس
ماءُ بيمار آهي ته ڪڏهن جوءِ بيمار آهي،
ته ڪڏهن پاڻ بيمار آهي. هاڻي پيو ڪو
نوڪر ڳولهه!

ناڪرداس- چڱو پيو تا ڳولهيون. تون ٿورو

ڪري آفيس وڃو. اڄ گهڻا ڏينهن گهر
نڪمڙا ويٺا هوندا. رميش اڪيلو آهي
ڪيس ڪيتري نه تڪليف ٿيندي هوندي

ناڪرداس- (ڪرموڙي) نه ڪانتا! رميش جو ذ ند
هميشه سٺو ٿي هلي رهيو آهي. مان سندس
زندگي ۾ دخل ڏيڻ نٿو چاهيان. جيتر
مون سڄي عمر ۾ نه ڪمايو اهو هن گذريل
چئن پنجن مهينن ۾ ڪمائي ورتو آهي
نوجوانن جو دماغ واقعي تيز ٿو هلي. ڪين
نوان نوان آئيڊيا آهن. امئجينيشن اٿن
تجربا ڪري ڄاڻن، رسڪ کڻي ڄاڻن.
اسين پڊا اهي ٿي لڪير جا فقير آهيون.
هڪ ٿي ليڪو ڪڍي، سڄي عمر پورن
جا پور ٿي رهجي وياسين. نه نه .... مان
هميشه هن جي زندگي ۾ ٽنگ اڙائڻ نٿو
چاهيان ان کانسواءِ اڄ بيمار به آهيان.
سڀڏن جو سور لهي ٿي اٿو.

ڪانتا- توکي ڪوبه سڀڏن جو سور پور ڪو نهي.
صرف وهم ولهجي ويو اٿيئي. وهم جي
دوا حڪيم لقمان وٽ به ڪانه هئي.

ناڪرداس- ڪانتا! هڪ ڳالهه ٻڌ!

ڪانتا- وري ڇا ٿيو؟

کرداس- آفيس ڇو نه ٿي وڃين؟

(چندرا کو جواب نه ڏئي، بس ٺاڪرداس ڏانهن نهاريندي ٿي رهي)

کرداس- هيڏانهن اچ! هڪ منٽ منهنجي ڳالهه ٻڌي وڃ!

چندرا- (گهڙيءَ طرف نهاريندي) نوين وڳين واري بس نڪري ويندي.

ٺاڪرداس- نوين وڳين کانپوءِ ٻي ڪا بس ڪانهي ڇا؟

چندرا- آفيس دير ٿي ويندي.

ٺاڪرداس- هڪ ڏينهن آفيس دير سان وڃڻ سان ڪو پهاڙ نه ڪرندو ڪو نه ڏيءُ!

چندرا- آفيس ۾ ڪافي ڪم ڪٺو ٿي ويو آهي. باس ناراض ٿيندو.

ٺاڪرداس- ناراض ٿيڻ ڏينس. ائين سمجهه ته اڄ تون بيمار آهين. بستري داخل آهين.

چندرا- شام جو ڳالهايو ها ته بهتر ٿئي ها ٻڌبي!

ٺاڪرداس- شام تائين ٿي سگهي ٿو مون ڪان اها ڳالهه ئي وسري وڃي يا تنهنجي آفيس مون کان اڳ ئي مان مري ٿو وڃان.

چندرا- ائين نه چئو ٻڌبي.

ٺاڪرداس- اڙي ساهه ئي کڙو پروسو آهي. ڪال

هيڏانهن اچ . توسان هڪ ضروري ڳالهه
ڪرڻي آهي .

ڪانتا- نه، مون کي تنهنجا اهي اخباري پٽ شٽ
ٻڌڻ جو وقت ڪونهي . سڄو گهر پٿريو
پيو آهي، ان کي ڪير سهيڙيندو . اسان
زالن جي قسمت ۾ ٿي ڪا ڪاڻ آهي .
ٻار پالي مڙس پال، مڙس پالي، ٻار پال !
يا انهن جا وري پٽ پوتا پال . هن ڪم
مان اسانجي مرڻ تائين جند نه ڇٽندي .
(ڪانتا هٿ ڇنڊي اندر هلي ٿي وڃي)

ناڪرداس- (ٻڌو ساهه کڻي اخبار سان پاڻ کي هوا
ڪندي) ڪم ڪم ڪم ! هر وقت ڪين
ڪم ٿي ڪم آهي . ماڻهو ڪٿي ٿو وڃي،
پر سندن ڪم نٿو کٽي . ڪڏهن ٻه ٻه منٽ
ويهڻ ٻيهڻ جي فرصت ڪانهي . هر ڪو
بس ڊڪڙو ڊڪڙو ڊوڙندو ٿو وڃي .
(چندرا اولهين ڪرڻ واري سئنڊل سان
ڪٽ ڪٽ ڪندي، هٿ ۾ ٻٽون لوڏيندي
هڪ ڪان ٻئي طرف ڪمرو پار ڪري ٻاهر
ويندي ڏسجي ٿي .)

ناڪرداس- چندرا ڏيءَ ! ڪيڏانهن ٿي وڃين ؟

چندرا- (در وٽ بيهي) آفيس ڏٺي !

چندرا- اڄ جي زماني ۾ اسان عورتن لاءِ به،
پنهنجي پيرن تي بيهڻ ضروري آهي.
ڏاڏي! توهان اڃا هينئر ڇيو ته وقت
ڪنهن کان پوئتي نٿو اچي. تنهن ڪانسواءِ
نوڪري مون لاءِ وندر آهي. اها مونکي
پنهنجي ڪنهن نموني ڪارگر هئڻ جو احساس
ٿي ڏئي. گهر ۾ سڄو ڏينهن واندو ويهي
ويهي منهنجا هڏ سڪي ويندا. مان بور
ٿي ويندس ڏاڏي!
ناڪرداس- سڄو ڏينهن گهر ۾ واندو ويهي بور ٿي
ويندينءَ؟
چندرا- ڇو نه ته ڇا؟ سڄو ڏينهن گهر ۾ گونگو
ويٺو هوندو يا پنهنجي ساڻ ڳالهائيندو هوندو.
ناڪرداس- ڇو گهر جي ڪم ڪار ۾ پنهنجي سس جو
جو هٿ ونڊائي سگهين ٿي. آخر هن ويچاري
به ته هن پيريءَ ۾ ڪجهه آرام لهڻو.
چندرا- اُمين ڪي منهنجو ڪم آئڙندو؟ پيٽي اٿي
مان وار ڪيندي. ڳالهه ڳالهه تي اسانجي
وچ ۾ بيو مها ڀارت مچندو. ان جي اکين
کان پري هجڻ ئي بهتر آهي.
ناڪرداس- به، ڌيءَ! عزت جو اڳي پوءِ اِستان
سندس گهر ئي آهي. گهر کي سجائڻ

ڪو وقت ڀڄي ٿو اچي. انهن ڪري سياڻن
چيو آهي ته، ڪو نيڪ ڪم ڪرڻو اٿيئي
ته هينئر ڪر. شام تائين نه ترس!
ڇا فيصلو ڪيئه. وڃين ٿي يا ويهين ٿي.
(چندرا ناڪرداس جي پر ۾ صوفا تي
اچي ويهي ٿي)

ناڪرداس- پهرين مونکي ٻڌاءِ ته، تون هن نوڪريءَ
سان ايڏو ڇو چنبڙي پيئي آهين. رميش
جي، رميش ماءُ جي ۽ خود منهنجي به
مرضي ڪانهي ته ڪو تون سڄو ڏينهن گهر
کان ٻاهر رهين. جڏهن اسانکي گهر جي
حالت سٺي ڪانه هئي تڏهن تو بيشڪ
پنهنجو فرض پاليو. ان لاءِ توکي لک
شاباس آهي. ليڪن اڄ ڀڳوان جي دَيا
سان اسان وٽ سڀ ڪجهه آهي پوءِ توکي
نوڪري ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت پيئي
آهي؟ پاڻ تنهنجي نوڪري ڪرڻ سان
اسانجي بدنامي ٿي رهي آهي. ٻاليءَ
جي مائٽيءَ ۾ دقتون پيش اچي رهيون
آهن. ماڻهو چون ٿا ههڙا شاهوڪار ماڻهو
لالچ جي وس ٿي پنهنجي ننهن کان
نوڪري ٿا ڪرائين.

ڪي بہ ڪجهہ پڙهڻ ٻڌائڻ جي فرصت
ڪانهي.
(چندرا ڪنڌ هيٺ ڪري مجرم جيان
سانت ويٺي آهي)

ٺاڪرداس- وڃ ڌيءُ وڃ! ناحق ٽوڪي دير ڪرائي
ڇڏيم. ڏس ٽئڪسي ملي وڃئي تہ
ٽئڪسيءَ ۾ وڃ!
(چندرا اُٿي در طرف وڃيٿي)

ٺاڪرداس- (پنهنجي سُور) هيئنر سمجهيم جو روز روز
گهر کان پري پئجي رهي آهين. اڄ هرڪو
پنهنجو پاڻ کان پري پئجي رهيو آهي.
ڪنهن کي بہ پنهنجو پاڻ سان منهان منهن
ٿيڻ جي همت ڪانهي. مان بہ تہ پاڻ کان
پئجي هيترا ڏينهن گهر ۾ ٿي لڪو ويٺو
آهيان.

چندرا- (در وٽ ترسي) ڊئڊي توهان تہ مونسان
ڪا ضروري ڳالهہ ڪرڻ ٿي چاهي؟

ٺاڪرداس- (ڇرڪ ڀري) ها ڌيءُ، هيئنر اها ايتري
ضروري نٿي لڳي. اُن بابت پوءِ بہ ڳالهائي
سگهبو. هيئنر تو لاءِ وقت تي آفيس
پهچڻ وڌيڪ ضروري آهي.

چندرا- آفيس لہ هونءَ ئي دير ٿي وئي آهي.

سنوارڻ، ٻارن کي پالڻ نپائڻ عورت لاءِ
”فل ٽائيم“ جاب آهي. جيستائين
اڪيلائپ جو سوال آهي. مان به ته سڄو
ڏينهن گهر ۾ اڪيلو ويٺو آهيان. تون
مولسان ئي اچي ٻه پلڪ ڳالهائي سگهين
ٿي. ان بهاني منهنجي به دل وندرجي
ويندي.

چندرا- توهان سان ڇا ڳالهائيندس ٻڌائي؟

ناڪرداس- ڇو، ڇا اسان وٽ ڳالهائڻ لاءِ ڪو وشيه
ڪونهي؟

چندرا- صرف هڪ ئي وشيه آهي. توهانجي
طبيعت ڪيئن آهي؟ دوا پيئي اٿو؟
ڊاڪٽر ڏسي ويو اٿو؟ روز روز اها
ساڳي ڳالهه ٻڌي اوهان به بيزار ٿي ويندا.

ناڪرداس- (هڪ ڪن سانت رهڻ بعد) ٻيا رميش سان
ڇا ڳالهائيندي آهين؟

چندرا- (ڪنڌ هيٺ ڪري) هن سان به اڄڪالهه
ڳالهائڻ جو موقعو ڪٿي ٿو ملي. صبوح
جو سوير گهر کان نڪري وڃي. رات جو دير
سان گهر موٽي.

ناڪرداس- منهنجي معلي ته اسين سڀ هينئر گونگا ٻوڙا
ٿي ويا آهيون. اسان مان هينئر ڪنهن

ٺاڪرداس- ليڪن ڇا؟
(چندرا کي ڪن ٻاڻ سان سنگھرش ڪندي
نظر ٿي اچي)
ٺاڪرداس- ڪھڙي ڳالھ آھي، مون کي صاف
ڪري ٻڌاءِ. مان توھانجي پيءُ برابر آھيان.
چندرا- (ھٿ ٻڌي) موھن منھنجو ماسات ڪونھي.
مون اوھان سان ڪوڙ ڳالھايو ھو.
ٺاڪرداس- تہ پوءِ موھن ڪير آھي؟
(چندرا ٺاڪرداس جي ڇاتيءَ تي مٿو رکي
روئڻ ٿي لڳي. ٺاڪرداس چندرا جي مٿي
تي ھٿ ٿو گھمائي. ڳاڙھي سائي روشنيءَ
جو چڪر گھمندو ڪالھ رات وارو درشيہ
دھرائجيندو. اسٽيج تان ٺاڪرداس گم ٿي
وڃي ٿو ھن جي جڳھ موھن چندرا کي
ٻانھن کان جھلي بيٺو آھي. موھن ساڳيو
گفتو دھرائي ٿو)
موھن- ... تون مونکي غلط سمجھي رھي آھين
چندرا! مان راوڻ ناھيان جو توکي توھانجي
مرضيءَ خلاف ھتان ڀڄائي ڪنھن سوني
لنڪا ۾ بندي بڻائي رکندس. مان تہ
توھانجي سموري گڏن دوشن سميت قبول
ڪري، توھانجي ورتل ھرھڪ فيصلي کي

اڳو ٻوءِ ٻڌائي ٿي ڇڏيو.

(چندرا وري اچي صوفا تي ويھي ٿي)

ناڪرداس- ھو تنھنجو ماسات آھي نه، موھن! مون چاھيو ٿئي ته داليءَ جي ھن سان مائٽي چوارايون ھا. موھن مون کي پسند آھي. ھن اسانجي ڏاڍي مدد به ڪئي آھي. مان چاھيان ٿو ته تون ھن سان ڳالھ چور! ھو تنھنجي ڳالھ نه موٽائيندو.

چندرا- (اٿي بيھي) نه ڊئڊي! اھا مائٽي ٿي نٿي سگھي. دالي موھن سان سکي نه رھي سگھندي؟

ناڪرداس- (اٿي بيھي) اھو تون ڪيئن ٿي چوين؟ مون کي ته موھن ھر طرح لائق ور ٿو نظر اچي. ڏسڻ ۾ سھڻو، قداور، پئسي وارو. ھن ۾ ڪھڙي ڪمي آھي؟ دالي به ھن کي چاھڻ لڳي آھي. منھنجون ٻڍيون اکيون مون کي دوکو نٿيون ڏئي سگھن. گھر ويٺي جي مولڪي موھن جھڙو ور ملي وڃي ته اھا منھنجي خوش قسمتي چئبي. ليڪن تون ھن مائٽيءَ مان ارھي ٿيندينءَ اھو مولڪي خواب خيال ۾ ڪين ھو.

چندرا- مان ارھي ناھيان ڊئڊي، ليڪن ...

مان ڪٿي ٻه رهي نه سگهندس .

رميش - اڄ ڪالهوءِ اسانجا رستا الڳ الڳ آهن .

(رميش پٺتي مڙي ٿو . اوندهه - وري
ٽيبل تي چندرا ٺاڪرداس جي سامهون
ويٺي آهي)

چندرا - مان ٽوائي تي ويٺي آهيان ڊئڊي! مون
ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي . ٻنهي طرف
منهنجي هار ئي هار آهي .

روشني جهڪي ٿي وڃي ٿي .

اوندهه — سنگيت

سنمان ڏيندس. آءُ سنمان سان جيئڻ جو حق تسليم ڪري تنهنجي آزادگيءَ ۾ ڪو دخل نه ڏيندس. پاڻ توکي ڪجهه بڻجڻ ڏيکارڻ ۾ پوري مدد ڪندس. تون صرف هڪ دفعو ها چئه! ها چئه!!

در تي بيٺل رميش اڳتي وڌي - مون اوهانجون سڀ ڳالهيون ٻڌيون آهن چندرا! تون هن شخص سان وڃڻ چاهين ٿي نه. وڃي سگهين ٿي. مان توکي ٻڌن مڪت ٿو ڪريان!

چندرا- هي تون ڇا چئي رهيو آهين؟ نه نه مان هي گهر ڇڏڻ نٿي چاهيان. منهنجي اڳني پريکشيا نه وٺ!

رميش- هي سڀ جاڻڻ بعد مان اٿو سمجهان نه مان ڪو توکي معاف ڪري سگهندس ۽ توسان وري اڳين سر جيئڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪري سگهندس.

چندرا- جيڪي تو ٻڌو، ڏٺو آهي اهو صحيح ناهي. تون ايمن جي ڳالهين تي وشواس نه ڪج. مان توکي هٿ ٿي جوڙيان. مونکي هن گهر سان موهه ٿي ويو آهي. پنڪي، ڊالي، امين، بابا انهن کانسواءِ

مان چانهه جو پاڻي رکائي. منهنجي هٿ
جي چانهه ڪيئن ڏاڍي وڻندي آهي.

کانتا- مونکي لڳيٿو ته تون به ڪيس وٽ ويٺي
آهين. ضرور تو بابت ئي هو ٻاليءَ سان
ڳالهه ڪندو ايندو هوندو.

(ٻالي ماءُ جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي-
او ممي! چئي اندر ڀڄي ٿي ۽ رستي تان
اندران ايندڙ ٺاڪرداس سان ٽڪرائجي
ٿي وڃي)

ٺاڪرداس- اِها ايتري ڀڄ ڀڄان ڇا لاءِ؟ ڇا ٿيو؟

ٻالي- ڪجهه نه! مميءَ کان پڇيو!

ٺاڪرداس- (کانتا کان) ڇا ٿيو؟ هيءَ ڇوڪري اڄ
ايترا ٽپا ڇو ٿي ڏئي؟

کانتا- جي اِها ڳالهه سچي آهي ته اڄ گرو بابي
ٽي ٽئون رومال چاڙهي ايندس. سوا روپئي
جو ڪڙاهه ڪرائي ايندس. توهان ته ڪو
ٻوٽو نه ٻاريو. گرو بابي پاڻ ئي اچي ڪارج
سنواريو!

ٺاڪرداس- آخر ٿيو ڇا؟ ڪجهه ٻڌائيندينءَ يا صرف
پروليون ۾ پيئي ڳالهائيندينءَ.

کانتا- موهن توهان کان ٻاليءَ جو هٿ گهرڻ
لاءِ اچي رهيو آهي.

انڪ ٻيون

ڏيک ٽيون

ڊرائنگ روم جو ساڳيو ڪمرو. اِسپاٽ لائيٽ ٽيليفون تي - جيڪو لڳاتار وڄي رهيو آهي. ڊالي اچي فون کڻي ٿي.

ڊالي - هيلو؟ يس 44-6167 يس چندرا ڀالاڻي اِسپيڪنگ. ڪير ٿو ڳالهائي؟ موهن ڪيسواڻي توهان؟ ڇا چيو هينئر ٿي بمبئي وڃي رهيا آهيو. بدان اسان کان موڪلائڻ جي ٻاهران ئي ٻاهران هليا ويندا؟ ڊئڊي گهر ۾ ئي آهي! هن سان ڳالهائڻو اٿو؟ هن ۾ ضروري ڪم اٿو! اچو ٿا؟ ضرور اچجو. ٽسو منهنجو قسم اٿو. ها ها... آءِ ائم هيئر! (فون رکي ٿي)

ڪانتا - (اندر اچي) ڪنهنجو فون هو؟

ڊالي - مسٽر ڪيسواڻيءَ جو. هو بمبئي وڃي رهيو آهي. ايئرپورٽ تي ويندي هتان اسان وٽان ٿيندو ويندو. ڊئڊيءَ سان کيس ڪا ضروري ڳالهه ڪرڻي آهي.

ٿو بدلي . هن آرسي ڀور مان ڪو ڏٺي
پناهه ڏئي .
مان هڪ ڇٽي ڪيڏانهن مري ڪيڏانهن
مران !
(ڪانتا ٿوال کڻي ڪوچن کي ڇنڊي
ڦوڪي ٿي . گرو بابا جي مورت اڳيان
ٻهڪي، ڳچيءَ ۾ پلاند وڪوڙي مٿو ٽيڪي
ٿي . سندس نظر هينئر در تي اچي پئي
موهن تي پوي ٿي)
ڪانتا - موهن آهين ؟
موهن - ها ممي ! (موهن ٿورڙي ڪيس پيرن پوي ٿو)
ڪانتا - اچ پٽ اچ ! جيءُ آئين، ڀلي آئين . شال
وڏي آورجا ماڻين . گرو بابو توکي اجها
وڏائي وڌائي . توکي ڏسي نيڻ ٺري ٺا
پون ! اچ پٽ هت ويهه . ڏاڍيءَ پيءُ
تنهنجي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو آهي .
(در وٽ وڃي) پڌو ٿا . ڏسو ڪير آيو
آهي .... پنهنجو موهن آهي . توهان سان
ڪا ضروري ڳالهه ڪرڻي اٿس .
(ناڪرداس قميض بدلي آيو آهي . موهن
هن سان به پيرين پئي گڏجي ٿو .

ٺاڪرداس- امپاسيبل !

ڪانتا- توهان نه اڃا ٺـڌو مانجهاندو ڪري ويٺا رهيا. اڄ ڇوڪريءَ کي ٿي لڄ لاهي پاڻ ٿي ڳالهه ڇوڙڻي پوي.

ٺاڪرداس- پر سياڻپي ٻڌاءِ نه توکي اها ڳالهه ڪنهن چئي ؟

ڪانتا- ڊاليءَ کي هينئر فون تي چيائين نه مان هينئر ٿي تنهنجي پيءُ کان تنهنجو هٿ گهرڻ لاءِ اچي رهيو آهيان.

ٺاڪرداس- نه، مونکي وشواس نٿو اچي.

ڪانتا- ٺيڪ آهي مان ڪوڙ ٿي ڳالهايان. وڃو پاڻ وڃي پنهنجي لاڏليءَ کان پڇي پڪ ڪريو.

اڃا ويٺا ڇو آهيو. وڃو هيءَ پراڻي خميص لاهي ڪا نئين پائي اچو. مشغول نه اهڙا آهيو جو ڏاڙهي لاهڻ جو به اوهان کي وقت نٿو ملي.

(ٺاڪرداس ڪڏهن ساڄي ڪڏهن کابي نهاريندو اندر هليو ٿو وڃي)

ڪانتا- رامو! رامو! ڇورو الائي ڪيڏانهن مري ويو. نه گهر جي صفائي ٿو ڪري، نه ماريو ڪوچ پلنگ جـون ميريون چادرون

رات جو ڪنهن وقت موٽي تہ مون کي
نہ سڏ ني ڪانہ ٿي پوي.

موهن- چندرا ہ اڃا آفيس کان ڪانہ موٽي آهي؟

ناڪرداس- بس ايندي ئي هوندي. (پٽ تي لڳل
گهڙيءَ طرف نهاري) اڄڪلهہ جو ٽائيم ٿي
ويو اٿس.

موهن- توهان سان هڪ ڳالهہ ڪرڻي هئي.

ناڪرداس- ها ها بيحجاب چئي ڏي!

(ڏالي چانهہ جو ٽري ڪٽي تي اچي ۽
ڪٽليءَ مان ڪپن ۾ پيٽي ٿي. رميش بہ عين
وقت تي اندر اچي ٿو، پوءِ موهن ڏانهن
شوڪي نهاري ٿو، پوءِ اندر وڃڻ ٿو
لڳي)

ناڪرداس- پٽ! موهن آيو اٿيئي!

رميش- (در وٽ بيهي) منهنجو هن شخص سان
هيئنر ڪو سروڪار ڪونهي دئبدي! مون
کيس سندس ڏنڏي جون چابيون ڏيئي
ڇڏيون آهن. اسانجي ياڻيواري اڄ کان
ختم آهي.

ناڪرداس- هي چئين ڇا ٿو؟ چندرا ڪٿي آهي؟
(ڊرائيور ٽين ڪوٺڙي اندر داخل ٿئيٿو؛

ٺاڪرداس- ڪالهه ڪان ٽوڪي ياد ٿي ڪيم. اڄ هت
سولو ٿي ويهه!

(ٻئي ڄڻا صوفا تي ويهي ٿا رهن)

موهن- مان اوهان ڪان موڪلائڻ آيو آهيان، ڏاڏي!

ٺاڪرداس- بمبئي ٿو وڃين.

موهن- ها. اتان شايد لنڊن وڃڻو پوندم.

ٺاڪرداس- مهيني ٻن ۾ موٽي ايندين نه؟

موهن- چئي ڪين ٿو سگهان. هينئر اڄ وڃ ڪري
ٿڪجي پيو آهيان. سوچيان ٿو ڪنهن
ڪنڊ پاسي ۾ هڪ هنڌ ٽانئڪو ٿي ويهان.

ٺاڪرداس- ٺيڪ خيال آهي. هر ڪنهن انسان کي
اڳي پوءِ پنهنجي آکيري ۾ ئي مڪمل آرام
ملي ٿو. تون به هينئر پنهنجو گهر ٺاهي
ويهه. تنهنجي امڙ کي به ٻڍاپي ۾ آرام
جي ضرورت آهي.

موهن- رميش نظر نٿو اچي؟

ٺاڪرداس- هو نه تنهنجي ڏٺل ڏٺي ۾ رات ڏينهن
مشغول آهي. پئسي ڪمائڻ جو اهڙو نه نشو
چڙهيو اٿس جو هينئر ڏينهن کي ڏينهن،
رات کي رات نٿو سمجهي. گهر ٻار به ڪانئس
وسري ويو آهي. صبوح جو ڪنهن مهل

(ٺاڪرداس واري سان ٻنهي ڏانهن ڏسي ٿو) اهو مونکي خود لڙي جهڙي حاصل ڪرڻو پوندو. هيل تائين منهنجي قسمت جو فيصلو ٻين جي هٿ ۾ رهيو هو. اڄ مان اُن جو فيصلو پاڻ ڪرڻ ٿي چاهيان. زندگيءَ جي ڏکن ڏاجهڙن سان پاڻ دوبدو ٿيڻ وڃانٿي. جاڻان ٿي راهه اڻانگي آهي. ڪنڊن سان ڀريل آهي. پوءِ به پنهنجي ئي چونڊيل رلورت ڪنڊڙ راهه ۾ ئي سڪون آهي، منهنجي مڪتي آهي.

جڏهن کان مون اکيون کوليون پاڻ کي لڇمڻ ريکائن جي ئي گهيري ۾ پاتم. اڪثر سڀني وڏن کي ائين ئي چوندو ٻڌم ته عورت جو رکوالو سندس ٻاراڻ ۾ پيءُ، جوانيءَ ۾ پتي ۽ ٻڍاپي ۾ پٽ آهي. اُهي ئي سندس قسمت جو فيصلو ڪن ٿا. انهن کانسواءِ ڪيس پنهنجي ڪا هستي ڪانهي. اڄ مان مردن جون ليڪيل اهي لڇمڻ ريکائون مٽائي، پنهنجي جيون جي واڳ پنهنجي هٿ ۾ کڻان ٿي. ڏٺدي! مان

ڪار جون چاٻيون رميش کي ڏئي ٿو)

رميش - ٽين ڪوڙي ڪان پڇو؟

ٽينڪوڙي- هم اُن ڪو آج سويري اسٽيشن ڇوڙ ڪر آيا. ٻي چٺي (ڪيسي مان چٺي ڪڍي ناڪرداس کي ڏيندي) اُنهون ني آپڪو دين ڪي لئي بولا!

(ناڪرداس ڏڪندڙ هٿن سان لفافي مان خط ڪڍي پڙهڻ ٿو لڳي. رميش ۽ موهن هن جي ٻنهي طرف بيٺا آهن. ڪانتا به در تي بيٺي آهي. هن جي ڀر ۾ ٻنڪي ۽ ڀالي بيٺيون آهن. چندرا جو آواز مائيڪ تي) ٻڌجي!

مان هتي گهر ڇڏي وڃي رهي آهيان. ڪيڏانهن؟ اها اڃا خود خبر ڪانه اٿم. ليڪن وشواس رکجو. آپگهات يا اهڙي قسم جو ڪو ٻيو ٻاراڻو قدم نه کڻنديس. مان پاڻ کي دفنائڻ نٿي چاهيان، پاڻ جيئڻ چاهيان ٿي. اهو ڪٿان ملندو، ڪيئن ملندو. اها خبر ڪانه اٿم. البت اها خبر اٿم ته اهو موکي ٻيو ڪير نه ڏئي سگهندو. نه رميش، نه موهن!

اڄ پنهنجي ڳوٺ ۾ وڃي رهي آهيان. جنهن ڏينهن پاڻ کي پالڻ، وري اچي اوهان جي شيوا ۾ حاضر ٿينديس.

توهانجي ڌيءَ

چندرا

(ٺاڪرداس جي هٿن مان خط ڇڏائجي هيٺ ڪري ٿو. هو گم سم ويٺو سڌو نهاري رهيو آهي. ٻيا به سڀ اداڪار اُتيئي جميا وڃن ٿا. روشني آهستي آهستي جهڪي ٿيڻ لڳي ٿي. اونده! سنگيت)



لکمي کلاڻي

□□ تعارف □□

جنم جهالاڻ (سکر) / ۱۹۳۵ / ساهت جيون جي شروعات ۱۹۶۱ کان / بنارس هندو يونيورسٽي مان سول انجنيئرنگ جي ڊگري / ميمبر انسٽيٽيوٽ آف انجنيئرس / برٿويٽ برن اينڊ جيسپ ڪنسٽرڪشن ڪمپني ۾ ڪجهه سال نوڪري / هينئر پنهنجو بزنيس. ڇپيل ڪتاب هاءِ **منهنجي دل** (ناول) **سازش** (ناول) **امرت امرت** (ناول) **ڪٺپتليءَ جو ناچ** (ناول - بينگاليءَ تان ترجمو ڪيل) **رت جا داغ** (ڪهاڻيون) **اڌوري رچنا** (ڪهاڻيون) **بند دروازا** (آرميڪ چٽاپيٽيءَ جو انعامي ڪهاڻين جو مجموعو) / سنڌي پرُوت ايسوسيئيشن ڪلڪتي جو بنيادي ميمبر / ڪلڪتي جي رنگ منچ تي پيش ڪيل اصلوڪا سنڌي ايڪانڪي: **پڇي ويئي** ۽ **سپني جي سيج** / سمپادڪ: **"رچنا"** ادبي ٽماهي.

سرنامو: ۲۱۴، سي. آءِ. ٽي. اسڪيم
VI (M) ڪلڪتو - ۷۰۰۰۵۴